# ڪيڙيل ڌرتي

ڪهاڻيون

Internet Edication

## سندري اتمچنداڻي

# فهرست


- اٻالي
- من جي ڳنڍ
- بي رخي
- جيئنداڻي مري وي
- ڪيڙيل ڌرتي
- نئون زمانو

- تنهنڪان ته ڏيڪاريون نه ها

- وچ ڏاڪڻ تي

# اُباٻالي

چندر لوڪ بلڊنگ ۾ اچي پاريتيءَ جو رهڻ ٿيو هو، جنهن پارپتيءَ کي پيار سان پالي سڏيندا هئا، سا اچانڪ ئي اباٻالي ٿي پيئي.

مٿس اباٻالي نالو رکڻ واري هئي هڪ وڏي عمر جي پريل پرڪم عورت. هن جڏهن پهريون پيرو پاريتيءَ کي چندر لوڪ سوسائٽيءَ جي باغيچي ۾ بينچ تي ويٺل ڏٺو، تڏهن ڦٽاڪ سان پڇيائين، "ائي شاميءَ جي جاءِ ۾ تون اچي ويٺي آهين نه ؟"

ڪنڌ سان "ها" ڪئي پاريتيءَ.

”تون آهين تہ شادي ڪيل نہ؟“

ٿوري مرڪ منهن تي پکيڙي ذرا شرمنجندي پاريتيءَ چيو، ”ها.“

”تہ ھھڙي اَٻالي اَٻالي ڇو پيئي لڳين؟“

”خبر ناهي.“ اٻاليءَ جي وات مان نڪري ويو.

”شامي تنهنجي ناني هئي نہ؟“

وري بہ ننڍڙي ”ها“ فقط ڪنڌ سان ڪئي اٻاليءَ.

”شامي تہ لڪاپتڙ هئي. تو لاءِ فقط هي جاءِ ڇڏي ويئي؟ ٻيو ڪجھہ بہ نہ؟“

ڪنڌ لوڏي اکيون هيٺ ڪري اٻاليءَ چيو، ”نہ ڪجھہ بہ نہ. “

هڪ ننڍيءَ ٻيبيءَ اچي چيو، ”ممي پاڻ ماري ٿو.“

”ائي تہ توکي بہ ٻار بہ آهن؟“

اٻالي بينچ تان اٿي ڏيءَ کي آڱر پڪڙائي، پريان بينڻل ٻار کي وچي هنج ۾ کڻي ورتو.

”ڇو پلا تون پيڻ کي ڇو ٿو مارين؟ مالان توکي؟“

ٻار ٻانهون کڻي ماءُ جي ڳلي ۾ وڌيون، اٻالي ڌيءَ کي هٿ کان وٺي گهر ڏي هلڻ لڳي.

پٺيان سڏ ٿيو، ”اٻالي او اٻالي. “

اٻاليءَ کي هڪ منٽ لاءِ بہ ويچار نہ آيو تہ هوءَ ان نالي واري

ڪاڻ هئي. يڪدم ڪنڌ ورائي بينچ تي ويٺل پاري پرڪم عورت ڏي نهاريائين.

عورت هٿ جو اشارو ڪري اباليءَ ڪي سڏيو. ابالي آئي ته هن ڪيس هٿ کان ڇڪي بينچ تي وهاري ڇڏيو.

”خبر ته ڪر مٺي، شاميءَ جي ڏيءَ ته تنهنجي ماسي آهي نه اها ته شاميءَ جي موت تي آيل هئي، تون ته ان وقت ڏسڻ ۾ ڪاڻ آئين؟“

”منهنجا ٻئي ٻار ٻي چاڪ هئا. پاڻ ته هئا ئي ڀوپال ۾. ڪين خبر ئي پوءِ پيئي...“ چوندي ابالي‌ءَ جون اکيون پرجي آيون. ننڍڙي ٻارڙي ڪيس اَڱر کان ڇڪڻ لڳي. ابالي اٿي هلي ويئي. عورت ڪيس ڪين سڏيو. اصل ۾ هاڻي بينچ تي چندر لوڪ ڪالونيءَ جون ٻيون ٻه ٻه ٽي ڄڻيون اچي ويٺيون هيون.

ابالي پنهنجي گهر ٽئين ماڙي تي پهچي، اسٿو ٻاري ٻارن ڪي چانهه ڏيڪ ناهي ڏنو ته پاڻ ٻه پيتائين. رنڌڻي جي دريءَ کان ٻاهر آڪاس ڏي نهاريائين ته نيڻن ۾ ڊار پئجي ويس. پوئين سج مٿان هلڪن ڪپهه جهڙن بادلن پٺي بنا سڪان تار تريو... اوهه ڪهڙو آهي هي بانڪپڻ منهنجي سيني ۾. ٻنهي هٿن سان پنيان ٻڌل وانگورو ڪولي ڏِگهن وارن ڪي ڪٽي ڇندڪار ڏنائين، ”مان ته ڄڻ مان ئي ناهيان، ڄڻ ڏِگهن وارن واري هڪ ائڪٽريس.....“ چپ ڪي چڪ پائي چيائين، ”نه ڄڻ هڪ ڏِگهن وارن واري ديوي ڀواني آهيان، يا پهاڙ جي ڪنهن چوٽيءَ تي ويٺي آهيان ۽ هيٺ آهن باغ باغيچا، جن ۾ انيڪ ڪراڙيون روئي رهيون آهن،

پنهنجي گذري ويل جوانيءَ تي... يا منهنجي هن سونهن تي...“ مگر ڪن ڪٽن اندر ئي مور جون اکيون پنهنجي پيرن ۾ جهڪي ويئون. آهہ پري چيائين، ”اف ابالي. “

در تي ڪڙڪو ٿيو. ڏنائين تہ پاسي واري هئي مسز من چندا، ”شڪر تون تہ گهر ۾ ويٺي آهين. هن مهل سيني فليٽن جا جندا پيا لٽڪن. سڀ وڃيو هيٺ باغ ۾ وهن يا نڪرن سير تي...“

ابالي‌ءَ ڪلي چيو، ”وهو. “

”وهان تہ ٿي پر وهڻ لاءِ بہ ڪجهہ تہ چڏي وڃي ها ماسيهن. حد ڪئي مائيءَ، خبر بہ هئس تہ غريب پاڻيجي اچي وهندي هن جاءِ ۾، پوءِ بہ ڪوچ ڪرسيون پلنگ چا لاءِ وڪڻي ويئي؟“

”شايد خبر نہ هونديس تہ ڪو اسين هتي اچي رهڻ قبول ڪنداسين.“

”چوين چا پيئي چوڪري، ههڙي جاءِ ناني توکي مفت ڏيئي ويئي تہ تون رهڻ نہ قبوليندينءَ؟ ڪا ڳالهہ ٿيندي آهي؟“

سهم ڪاڏل بار جيان منهن ڦلڙو ڪري ابالي‌ءَ چيو، ”هنن جاين ۾ رهڻ معني خرچ وڌائڻ. سنڌونگر ۾ جيڪا اسان جي جاءِ جي ٽئڪس هئي ان کان انوٽي آهي هن بمبئيءَ جي نگر ۾ ٽئڪس. بتيءَ جو بل بہ ڪيڏو ٿو اچي، مان تہ ٻن مهينن ۾ ئي حيران ٿي ويئي آهيان. ڪم واريون مايون بہ ڪيڏيون مهانگيون آهن. باپ ڙي باپ. “

”بابلي سک لهبو ته انجي قيمت به ته اد اکبي؟ ٻئم تو ته مائي ڪڍي چڏي آهي؟“

”مون ڪونه ڪڍيومانس. پاڻيهي نڪري ويئي. چيائين: ٻيو گهر وڏي پگهار وارو مليو اٿم.“

”ها ها سچ ٿي چوين. ماين جا برابر اهي حال آهن. ڏاڍيون رنون لالچي آهن.“ ايتري ۾ هيٺ موٽر جي هارن ٿي پيرا پون پون ڪئي ته مسز من چندا پلنگ تان اٿي کڙي ٿي، چيائين، ”هيٺ اچي ويا آهن. چگو مان وڃان ٿي.“ ڪنجون هٿن ۾ ڦيرائيندي، من چندا هلي ويئي.

ابالي ڪيتري دير سن ويٺي رهي. سڄي ڪمري ۾ من چندا جي ڪپڙن واري سينٽ جي سڳنڌ پکڙي پيئي هئي. سندس مٺين سان جهنجهيل سرير ۽ شوخ چهرو اچا به سندس اکيان کڙو هو. ڪجهه ڏينهن اڳ به ته ساڳي من چندا سندس گهر ۾ اچي ڪلاڪ اڌ رهه چهه ڪئي هئي. تڏهن ڪيس مٺيا منديون ڪين پيل هئا. رواجي ڪپڙن ۾ اچي اباليءَ وٽ اوپاري لهواري ڪرڻ ويني هئي. سندس نظر سڄي گهر تي پئي ڦري. چيائين، ”هتي رکي هئي تنهنجي نانيءَ جي واشنگ مشين. ڪن ۾ سڀ چادرون چئون به ڌوئي وٺندي هئي سندس مائي.“

ابالي چيو، ”واشنگ مشين هجي ته مائي ڇا لاءِ؟“

”تون ڪانه سمجهي سگهندينءَ. لائيٽ جي سيني سهوليت ڏيندڙ اوزارن کي هلائڻ لاءِ، انهن جي صفائي سنائي رکڻ لاءِ، ماڻهو ته ڪپيئي کپي. انهيءَ ڪري ته تنهنجي ناني اڪيلي هئي ته به سڄو ڏينهن مائي

بيٺل هئس. هي مٿي وينٽيليٽر روز اگهائيندي هئي. هتي رنڌڻي ۾ هوس وڏو شاهي جوسر مڪسر. مائي روز فروٽ جي رس ڪڍي ڏيندي هئس...“

”بيمار ته ڪانه هئي منهنجي ناني پوءِ رس ڇو پيئندي هئي روز؟“

”تون ته ڪا پڪي ڳوناڻي آهين. فروٽن جون رسون پيئندي هئي تڏهن ته هوءَ هھڙي ڳاڙهي ڳٽڪي بيٺي هئي آخر تائين..“

”او..“ چئي ابالي پنهنجي بي سمجهيءَ تي خار کاڌي. پٽ کي گلاس اونڌو ڪندي ڏنو ته چموٽو پائي ڪڍيائينس.

من چندا جون ان ڏينهن واريون ڳالهيون ياد ڪري، ابالي دکي ٿي وڃي پٽ کي هنج ۾ ڪنيو، پيار سان ڳل چمي ڪٽي ڇاتيءَ سان لاتائينس.

”۽ مونکي؟“ اباليءَ جي ڌيءُ اچي گوڏن سان چنبڙيس. ” ابالي ان کي به ڪٽي ڪري چمي ڏني.

مٿان اچي پهتو هرڪشن. چيائين، ”ڇو پائي تنهنجون اکيون آليون پيئون لڳن؟“

ابالي جن ڳوڙهن کي روڪي رکيو هو، سي به لاتون ٻٽجي ڳلن تي وهي آيا. هرڪشن ٻارن کي ٿول شيون ڏيندي ابالي جي به ڳڇيءَ ۾ ٻانهن ورائي ۽ چيو، ”اڙي سڪن جا ڏينهن آيا اٿيئي ته به پيئي ڳوڙها

ڳارين..“

ابالي چيو، ”سکن کي هٽي لنگڙو ڪري ويئي نہ اها منهنجي ماسي، جيڪا پاڙي واري اچي سا چوي هتي تنهنجي نانيءَ جو ٽيپ رڪارڊر هو، هتي وڏي شاهي ٽي وي رکي هئس، هتي جهولڻو پيل هوس.“

هرڪشن برابر ڪيترو وقت انهن شين کي اکين ۾ ڏسندو رهيو. نانيءَ وٽ اڳي جڏهن بہ آيا هئا، تڏهن نانيءَ کين خرچيون ڏنيون هيون. هرڪشن کي پاسي ۾ وهاري مٿو چميو هئائينس ۽ چيو هئائين، ”پٽ ٻئي ويهي سانهہ ستيءَ سان ڳالهہ ڏيو ها ونو ها. ائين اوچتو گم نہ ٿيو ها. ڪورٽ جي شادي نہ ڪريو ها تہ اسين توهان کي هيڏو پري سنڌونگر ۾ ڪونہ رهڻ ڏيون ها..“

”.... امان اسين اتي بہ تمام مزي ۾ آهيون. رڳو اڄ وڄ تي ٽرين ۾ وقت ٿو لڳي ۽ ٻار سويل ئي سمهيو پون. سندن رانديون رونديون انگل آرا ڏسڻ جو موقعو ڪونہ ملندو آهي.“

نانيءَ چيو، ”چيم نہ مڙيو ئي آهي نہ تڪليف. هيڏانهن، مون وٽ ٽيپ رڪارڊر، ٽي وي، ريڊيو، مٿان موٽر در تي، پر ڪو ماڻڻ وارو ڪونهي. ڏيئر پٽ رسن وسن آميريڪا ۽ انگلنڊ ۾. مان آهيان اڪيلو سر، نوڪرن جي حوالي. توهين ويجها هجوم تہ بہ جيڪر چوان ڪوتہ منهنجا هيڏا هسل ماڻي چوري وينو.“

هرڪشن چيو هو، ”اما توهانجي پٽن ڏيئن کي اسانجي شادي

منظور نہ هئي پوءِ ڇا ڪريون. تنهنجي ڪرشن ڀڳوان جي سيدرا، تنهنجي گوورڌن ڌاريءَ جي رکمڻي، اهي بہ پنهنجا گهر ڇڏي هلي ويئون هيون نہ پنهنجي گهوٽن جي گهر...“

”هائو هائو“ ڪنڌ لوڏي امان چيو هو. شايد اها ڳالهہ ڪيس موم ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي. جو مرڻ وقت جاءِ هرڪشن جي زال جي نالي لکائي ويئي هئي.

خيالن کي پري اڇلي، هر ڪشن چيو، ”ڪجهہ بہ ٿيو هاڻي هتي ريل جي سفر جو وقت بچي ٿو، تہ ٿوري محنت ڪري ڪا ايجنسي ٻيجنسي کڻي ڪري، ٿورو پاڻ کڻي ونڌاسين“

اڀاليءَ نماڻيون اکيون مٿي کڻي چيو، ”في الحال تہ هتي جي زالن منهنجو نالو کڻي اڀالي رکيو آهي. سنڌونگر ۾ تہ مان راڻي هيس. منهنجي وارن جو وانگورو، منهنجي ڪپڙن جون ڊزائينون، اوڙي پاڙي ۾ خاص ريس لائق هيون ۽ هتي تہ ڪنهن کي ڊگها وار رکيل ئي ڪونهن، مان بہ ڪٽائي ڇڏينديس...“

”نہ نہ، متان ائين ڪيو اٿيئي“ چوندي هرڪشن زال جا ڊگها ڪڪا وار کڻي پنهنجي ڳلن سان لاتا، ”ههڙا پشم جهڙا نرم وار... متان ڪٽايا اٿيئي“

اڀاليءَ اکيون کڻي هرڪشن جي اکين ۾ ڏٺو. سندس ساهہ کي وارن مٿان آروس ڪندو محسوس ڪيائين تہ ميڻ جيان ڳري پيئي. ڪجهہ وقت هرڪشن سان لڳي ويٺي رهي... پوءِ ڊگهو ساهہ کڻي اٿي

ڪڙي ٿي ۽ وجي ڪم ڪار ڪي لڳي.

هرڪشن ٻارن کي ڪلايو ڪڍايو. تيسين ابااليءَ روٽي تيار ڪري ورتي. وچ وچ ۾ وري ٻه هرڪشن جي اڳيان اچي ٿي ويٺي. هرڪشن ڏٺو، مونجهارو سندس مومل جي من ۾ اجا قائم آهي. ٿيڏيءَ اک سان نهاري چيائين، ”چو يلا اڄ ڪوئل ڪجهه ڳائي ڪانه پيئي. سنڌونگر ۾ ته رڌيندي بچائيندي، پيئي سريلي مرلي هلندي هئي؟“

ٿڌو ساهه کڻي، ڪلها چندي ابالي چپ ۾ من جي ڪيفيت ٻڌائي ويئي. هرڪشن چيو ”مان سڀ سمجهان ٿو. هتي شاهوڪار گهرن جي وچ ۾ رهي پاڻ کي ابالو پيئي سمجهين.“

”نه اٻالي. “ ڪٿاڪ سان ڇهنڊڙي هٽي ڪيي ابااليءَ هرڪشن جي سٽر تي. ٻئي جڻا ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. ٻار ٻئي ٻي مطلب کلي پيا. ابااليءَ پٽ کي ڪنيو، هرڪشن ڌيءُ کي ڪينو. ”تو ڇا سمجهو سونو، جو کلئين؟ ۽ تو ڇا سمجهو نني؟ جو هيڏا پٽ پٽ ٺهڪ ڏيندي پيئي وجي؟“ نني ننيڙو هٿ ٻوٽ تي رکي چيو، ”ڪتي ٿي ڪلان.“ ۽ ڪل هئي جا سندس ٻڪ مان ٻه وهي پئي آئي.

ابااليءَ چيو، ”توهين گهر ۾ ٿا اچو ته رونق ٿي لڳي نه ته هيڏو وڏو گهر ته اصل ڪائڻ پيو اچي.“

”سنڌو نگر ۾ ٻه ته رات جو 12 بجي موٽندو هوس...“

”اتي وري ٻه اوڙي پاڙي جي بستي هئي. هتي ته ڏينهن ڏٺي جو ٻه هرڪو در بند ڪيو پنهنجي فلئٽ ۾ پيو ڪڙڪي ڪنجهي پر

ڪنهن وٽ گهڻو اچي وڃي ڪون ٿو. سيني کي ٽي وي، ريڊيو، فلمون، محفلون ايڏا ڪم آهن، جو هينئين ڪم لاءِ ماني ته ڇا پر متئين ڪم لاءِ نوڪر رکيو وڃن آهن.“

”ڇا چيئي هينئين ڪم لاءِ مائي ۽ متئين ڪم لاءِ نوڪر؟“ ٻنهي وري ٽهڪ ڏنا. ٻارن ۾ اڳئين ڪان به وڌيڪ وچڙجي ويا.

روٽي کائيندي هرڪشن چيو، ”پالي تون مڙيوئي خوش ناهين هن جاءِ ۾... شڪل ته ڏس ٻارهو ئي لٿي پيئي اٿيئي... حقيقت ۾ تنهنجي ڪلڻ ۾ به مونکي ته روئڻ پيو ٻڌڻ ۾ اچي...“

”ڏسو توهين مونکي پارٽيءَ مان پالي ٽا سڏيو ۽ ڪالونيءَ وارين اصل نالو ئي اٻالي ڪري ڇڏيو آهي منهنجو . ڇو؟“

هرڪشن کائڻ روڪي چيو، ”ڇو؟ ڇو جي توکي خبر هوندي.“

”برابر مونکي خبر آهي. هي زالون خوب مٽيا پائين ٿيون، روز نوان وڳا پائين ٿيون، مون وٽ ته اهڙو ڪجهه به ڪينهي ۽ ...“

”۽ ڇا؟“

”۽ هو روز ڳالهيون ڪن نوڪرن جون نوڪرياڻين جون، انهن جي بي ايمانيءَ جون، چوريءَ جي عادتن جون، درزين جي سبڻ جون يا وري ٽيوي پروگرامن جون...“

هرڪشن کائي اٿيو ته گينديءَ وٽ گرڙي ڪندي ٻئي ڪمري ڏي نظر ڦيرايائين ته ڏٺائين ٻئي ٻار رانديڪن وچ ۾ سمهي پيا آهن.

اندر اچي پاريتيءَ کي ٻانهن ۾ ٻري پلنگ تي ليٽائي چيائين، ”منهنجي پاليءَ وٽ جيڪي آهي، انجي اڳيان ته هرڪا عورت اٻالي آهي.“

## من جي ڳنڍ

ائين ته منهنجو گهر ڪو تمام مٿي ٻه ڪين هو، پر تڪڙ هئي انڪري هيٺئين فلئٽ (گرائونڊ فلور) واريءَ ارونا کي چيم، ”ائي ٽيهه رپيا هجني ته ڏينم، پوءِ مٿان آٽي تي ڏيانءِ. منهنجو گهوٽ وجي ٿو

ڪار ۾ پيٽرول پرائڻ ان لاءِ کپن. "

ارونا يڪدم سوَ جو نوٽ اچي مونکي ڏنو. مون بلڊنگ جي ڪمپائونڊ ۾ وڃي جڏهن سو جو نوٽ پنهنجي گهوٽ کي ڏنو، تڏهن هن مرڪي چيو، "مائي ته وڏيءَ دل واري ڇٻي جو ٽيهن رپين بدران سو جو نوٽ ڪڍي ڏنائين. "

واپس اچي ارونا کي پنهنجي مڙس جي ڳالهه ٻڌايم. ارونا جي پير ۾ سندس ٻي پاڙيسرڻ ديوي ويٺي هئي، انهي چيو، "ورشا راڻي، تون ته اسانکي سجاڻين ڪانه ٿي. اچي ٻه گهڙيون وهين ته خبر پوئي ڪيڏا تاڪيا وڏي آهي اسانجي دل. " مون کي هي ٻئي زالون وڻيون.

ٻئي ڏينهن ساڳيءَ مهل تي اٽڪل ڏهه لڳا هوندا صبح جا، جو ارونا کي سو رپيا موٽائڻ ويس. ارونا کلي چيو، " چو پڇي ٿي ويا ڇا رپيا؟"

مون چيو، "منهنجي سس ته مٿو ڪائي ويئي هئي ته جلدي هيٺ پئسا موٽائي اچ. مائيءَ سجي رات مٿان ننڊ ئي نه ڪئي هجي"

ارونا خوب ٺهڪ ڏيئي کليو. مٿان چيائين، "سسٽين کي ٻين ۾ وشواس ڪونهي ڇا؟"

ارونا جو ائين چوڻ ۽ منهنجي اکين مان جهر جهر نير وهڻ. ارونا تڪڙ ۾ ديويءَ کي ٻه سڏ ڪيو پوءِ ويٺيون ٻئي مونکي پرچائڻ ۽ ڪلائڻ.

مٿي آيس ته سس چيو، "هيڏو وقت لڳايئه، مائيءَ جهيڙو ڪيو

چا ته...“

مون سس طرف ڏٺو. هيءَ هئي وشواس جي اڳنيءَ جو ٺٺيو ۽ تصور ڪيم هيٺ وارين ارونا ۽ ديويءَ جو. ٻئي زالون ڪيڏيون نرمل، ٺڏيون ۽ خوش دل ٿي لڳيون.

ٽئين ڏينهن به ساڳيءَ مهل تي مان مٽرس سان گڏ هيٺ لهي ويس. زندگيءَ ۾ هي پهريون پيرو هو جو سس کي ڪين ٻڌايم ته مان گهر چئنٺ کان ٻاهر قدم چو ٿي رکان.

ديوي به ارونا جي گهر ويني هئي، اتي هڪ ٻي به زال هئي. ديويءَ چيو، ”ورشا، هن کي سڃاڻين؟ هيءَ ڪرشنا اٿيئي، سامهون واري فليٽ ۾ رهندي آهي.“

مون چيو، ”چڱو وڃان ٿي.“

”وڃين وري ڪيڏانهن ٿي؟“ ٻانهن کان ڇڪي ارونا ڪٽي مونکي ڪرسيءَ تي هنيو. ويهه هتي، بيڪارن جي دفتر ۾ جيڪو آيو، انکي اڌ ڪلاڪ ڊيوٽي ڏيڻي ئي پوندي آهي.“

ديويءَ چيو ”ها ڊيوٽي ڏيڻي ئي پوندي آهي.“

”۽ هوءَ سس ٻائي مٿي ويٺي...“

”اسانکي به گهر جو ڪم وينو ياد ڪري.“ ڪرشنا چيو، ”گهاٽ کي اوپر، گهاٽ کي اوپر“ ديويءَ ڪرشنا کي ڇهنڊڙي پائي چيڙ ڪئي. مان وائڙي ٿي ڏسڻ لڳس ته ارونا چيو، ”هيءَ اسانجي ڪرشنا

اٿيئي صفا اڻ پڙهيل. سو اهڙا گفتا ڳالهائيندي آهي جو ڪيڏا ڏينهن پيا ڪلندا آهيون. ڪلهه سندس ماسي آئي هئي. ديويءَ  پڇيس تہ ڪٿان آئي هئي، تہ چيائين، ”گهاٽ ڪي اوپر مان. “ ويچاريءَ ڪي گهاٽڪوپر چوڻ ڪين آيو. هاڻي ديوي آهي جا ويٺي ڪٽ ڪريس.“

مون چيو، ”پر آهي ڏاڍي سٺي، خفي تہ ٿئي ئي ڪين ٿي.“

ارونا چيو، ”ڀلا اهو تہ ٻڌاءِ تون هئڙي سهڻي، صاف سٿري، پر خفي ٿيل اهڙي پيئي لڳين جو ڪجهہ منو ئي ڪين ٿو لڳيئي. اسين تہ روز 10 ڪان 10:30 تائين، هي جيڪو بيڪارن جو دفتر ڪلندو آهي، ان ۾ اچي وهڻ لاءِ واجهائيندي آهيون ۽ تون آهين جا پيئي پڇين.“

منهنجو من گائون مائون ٿي ويو هو. بنا ڪنهن احساس جي چيم، ”بيڪارن جو دفتر ڪيئن؟“

ديويءَ چيو، ”بيڪارن جو انڪري ٿا چئون جو هي اڌ ڪلاڪ ڪو بہ ڪم ڪار ڪرڻو ناهي. فقط ڪل خوشيءَ ۾ گذارڻو آهي.“

”ڪل خوشيءَ ۾ گذارڻو آهي؟“ مون چيو.

ڪرشنا منهنجو هٿ پڪڙي چيو، ”چو ڙي؟ اهڙي اداس منهن سان چو ٿي چوين ڪل خوشيءَ ۾ گذارڻو آهي؟..“

”نصيب ۾ ڪل خوشي آهي ئي ڪين.“

ڪرشنا منهنجو نراڙيءَ تي پنج ئي آڱريون رکيل هٿ هيٺ لاهي چيو، ”ڀاڳ تہ آهن تنهنجا، موٽر در تي، فليٽ پنهنجو، سس، سهرو، پٽ،

ڏيءُ ۽ ڪمائيندڙ مڙس تنهنجي گهر ۾. باقي توکي ڪهڙي چا؟"

ديوي ڪلڻ لڳي. "مان ٻڌايانءِ هن کي ڪهڙي بيماري آهي؟"

ديويءَ جي ڳالهه ٻڌي مان شڪجي ويس. الائي منهنجي مسئلي جي خبر ته نه پئجي ويئي آهي پاڙي ۾. دل دڪ دڪ ڪرڻ لڳي.

ارونا چيو. "ڏس ورشا تون خود جيسين پنهنجو دک نه ٻڌائيندينءَ تيسين ڪوبه انترياميءَ ڪونهي جو تنهنجو دل لاهي سگهي."

ارونا جي چوڻ جو انداز اهڙو هو جو مان هڪ وار من چلڻ لاءِ تيار ٿي ويس. پر وري پاڻ کي سنڀالي ورتم. چو ته چوندا آهن: ڪاتي ڪري گدري ئي ته به گدرو مَنو؟ ۽ گدرو ڪري ڪاتيءَ تي ته به گدرو مَنو.

ديويءَ چيو. "ورشا توکي منهنجو ڪلڻ دل ۾ ته ڪين ٿيو. واقعي ماڻهو ڪڏهن حالتن سبب ڪڏهن وري من ۾ ڪا ڳنڍ اچي وڃڻ سبب دکي ٿيندو آهي."

مونکان تڪڙ ۾ نڪري ويو "ڳنڍ؟ . . . من ۾ ڳنڍ ٻڌجڻ . . .؟"

هاڻ ٽنهي سکين ڪٺي مونکي پڪڙيو. چون. "هاڻ توکي مور ڪين ڇڏينداسين. پلا اسين ٻيو نه ڪري سگهون ته من تنهنجي دک کي همدرديءَ سان ٻڌي تنهنجي من جو اڌ بار ته لاهي سگهنديونسين."

مان وائڙي ٿي، هنن ٽنهي ڏانهن واري واري سان ڏسندي رهيس.

ارونا جي منهن ۾ نهاريم. هوءَ مرڪڻ لڳي، سندس اکين ۾ جل پرجي آيو. من ۾ سوچيم: جيڪا زال منهنجي دکي حالت ڏسڻ سان ايتري همدردي ٿي ڪري، سان منهنجو دک ٻڌڻ سان ته شايد مونکي ڀاڪر پائي دک ئي لاهي ڇڏيندي. يا شايد روئي پوي منهنجي ڳالهه تي. ڪيترو وقت من سان هٽي هٽي آخر چيم. ”منهنجي سس کي شڪ آهي ته مان پنهنجي سهري سان ٺهيل آهيان.“

کن لاءِ هي ٽيئي سڪيون شانت ٿي ويئون. ڪمپائونڊ ۾ ٻارن جي راند جو سماع پيو. ”ٿڌا منا ڦارونٺان“ گهورڙيو ٿي چوندو ويو.

منهنجي اکين مان هاٺي اهڙو ڪي ڪرڻ لڳو جيڪو نه پاٺي هو نه رت. عجيب وياڪلتا اکرن جو روپ ورتو. چيم. ”مونکي توهين غلط نه سمجهجو مان بلڪل نرليپ آهيان. بابل کي مون سپني ۾ به ڪڏهن غلط روپ ۾ نه ڏٺو آهي. مڙس منهنجو ته ڏٺو اٿو ڪهڙو نه بي مثل مٺيو آهي. سندس سونهن اڳيان ته مان به ڪي ڪين آهيان..“

ارونا منهنجي وات تي ڪٺي هٿ رکيو. ”نه چئه مني. اسين ٽيئي دنيا جي چال کي ڄاٺي ويٺيون آهيون....“

سندس هٿ هٽائي، مون رڙي چيو. ”پورا نو سال ٿيا آهن مونکي. رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي رهي آهيان. پر ڪو فرق نه پيو آهي.“

ديويءَ چيو. ”نو سال پوءِ تنهنجو مڙس توکي جدا نٿو ڪري وجي وهاري؟“

مون ڪٺي ديويءَ جا هٿ پنهنجي مستڪ کي ڇهايا. ”بس ائين

ڪو ڪري مون لاءِ. ٻن ٻارن جي ماءُ آهيان. ڪٿي جهنگ ۾ ٻه هلي وهاريندم ته ٻه هن شڪ جي قيد مان ڇوٽڪارو پائي مان نهال ٿي ويندس."

ڪرشنا پڇيو، "مرد ته هميشھ پاڻ کي زالن کان عقل وارو سمجهندا آهن. پوءِ ايتري ننڍي ڳالھ تنهنجي مڙس کي سمجھ ۾ نٿي اچي؟"

"مڻي هڪ ئي پٽ آهي نہ منهنجي سس جو. هوءَ چويس ٿي ماءُ ته وري ڪانہ ملندءِ. جويون ته ٽڪي ٽيھ پئسي ويھ ملنديئہ... هٽي خاندان ۾ پت نہ وڃائجانءِ. ڇڏي اڄ انهيءَ ڪنيءَ ڇوريءَ کي پيڪن ۾." بس مئيون مان جا ڪڪڙ جي اڌ ڪپيل سسيءَ وانگر لٽڪي پيئي آهيان مڙس کي. ٻہ ٻار ڪٽي ڪيڏانهن ويندس. ويچاري کي ڏنيپان ٻہ ڏاڍو ٿي. ويچارو جواب مونکي ٻہ ڪين ڏئي ته ماءُ کي ٻہ ڪين ڏئي."

گهڙيال ساڍا ڏھ ٿي هنيا، جو ارونا اٿڻ لڳي. چيائين، "دل جاءِ ڪر. روز هتي اچ ته پاٽيهي راھ نڪرندي. تنهنجي من جي ڳنڍ ڇڙي ته ڏس ڪيئن نہ ٿي سک جو ساھ کڻين. مونکي مڙس جي روٺيءَ جو ڊپو موڪلڻو آهي، مان ته هليس رنڌڻي ۾."

ان ڏينهن متي گهر ۾ گهڙيس ته سس پڇيو، "ڪيڏانهن ويئي هئيئن؟"

چيم، " هيٺ پاڙي ۾."

ماتا چيو، "مونکي اها ٻين گهرن ۾ نوس نوس وٺندي ڪانهي

خبر اٿيئي نہ؟“

منهنجي جو هنن ارونا، ديويءَ ۽ ڪرشنا ڏاڏي دل ورتي هئي سو سس کي چيم، ”اڳتي نہ ويندس.“

اندر ۾ پيئي چوان، ”اڄ هي مونکي ٿي چا ويو. جتان هيڏي خوشي مليم انهيءَ هنڌ ئي چوانس ٿي تہ نہ ويندس. “

ٻار اسڪول مان موٽيا تہ الائي چو کين ڏاڍو پيار ڪيم. هنن بہ اسڪول جون آڪاٽيون ٻڌائڻ شروع ڪيون ۽ ٻنان چون چران جي ڪاڏو ڪائي اٿيا.

منهنجي سس گوريون وٺڻ لاءِ مونکان پاڻي گهريو. پاڻي ڪٽي اڳيان ويئي سانس تہ چيائين، ”اڄ ٻار ڏاڍو ڇهڪن پيا، پاس ٻاس ٿي آيا آهن ڇا؟“

مون جواب ڪين ڏنو. سهري چيو، ”اها ڇا جواب ڏيندءِ سالن کان ٻئنو چاريو اٿس ٻوٿ تي..“

منهنجي من ۾ آيو، اڄ ڪوئي چتو جواب ڏيئي من ٺاريان. مگر نہ، مان ڪجهہ بہ چوڻ تي هريل ئي ڪين هئس. اندر گهٽو ئي پوسريو تہ هن ماٺهوءَ ئي تہ منهنجي ڪل ڪسي ورتي آهي. اگر پنهنجي زال کي وري وري وشواس ڏياري ها تہ ننهن مون لاءِ ڌيءَ سمان آهي. تون حسد نہ ڪر، تہ سس بہ ههڙي چندي نہ ٿي پوي ها. مان بہ هيئن ڪلڻ ڳالهائڻ بند ڪري زندهہ لاش نہ بڻجي پوان ها.

ليڪن اڄ جو مان سڪين سان من چلي آئي هئس، سو ائين پئي لڳو جا ڳالهه هيڏا سال چاتيءَ ۾ خنجر جيان ڪتي پيئي هئي سان هاڻ نڪري چڪي آهي.

انهن بيڪارن جي دفتر، وارين زالن جي ڪل خوشي ور ور پئي ياد آئي. جڏهن هو ٺيئي، جيڪي سيئي سونهن، مٺا چاريءَ، هر ڳالهه ۾ مونکان گهٽ آهن، پوءِ بہ ڪلن خوش ٺين ٺيون تہ مان چو ڪين؟ چاتيءَ ۾ ڪتل خنجر جو نڪري ويو هو تہ لڳو هاڻي ڦٽ بہ چٽي ئي ويندو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سنان ڪري سنا ڪپڙا پاتم. سس پڇيو، "ڪيڏانهن ٻاهر وڃڻو اٿيئي؟"

مون وراڻيو، "ڪپڙا سپ سڙي وينداا ڪيترا سال جو پاٺا ڪين اٿم تہ..."

انهن اکرن اندر جا ٺوڪ لڪل هئي تہ سس ٻائي تنهنجي شڪن سبب ئي تہ ڪين پائيندي آهيان سنا ڪپڙا، سو سس ٻائيءَ جي اکين ۾ شور پرجي آيو. مونکي تہ بيڪارن جي دفتر ۾ پهچڻو هو، سو گهر جا ننيا وڏا ڪم جلدي جلدي پورا ڪيم ۽ هيٺ لهي ويس تہ سس آواز ڪيو. پر مون بنا جواب ڏيڻ جي دروازو ٻيڪڙي ڇڏيو. هيءَ جريت مون پهريون ڀيرو ڪئي هئي. سا ارونا، ديوي ۽ ڪرشنا ڪي اڇي ٻڌايم. ٺهي هڪٻئي جي هٿن تي ۽ منهنجي هٿ تي تاڙي هڻي منهنجي انهي سوپ جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي. ڪپڙن جي ساراهہ ڪيائون. چيومان، "هھڙا تہ گهڻيئي ڪپڙا پيا اندر سڙن پر پايان ڪين، جو سس چوندي

اٿم: اڄ تہ ڪنهن لاءِ ويس وڳو بہ ڪيو اٿيئي. "

"۽ هاٺي؟" ارونا پڇيو.

"هاٺي توهان اهڙي ڪا چابي ڏني آهي جو من ۾ اچي ويو اٿم تہ جهان مان سٺا ماڻهو ڪونہ ويا آهن. جيڪي منهنجي پوترتا ۾ وشواس ڪن."

ڪرشنا تہ منهنجو رئو ڪٽي منهن تي ڇهائي چيو. "سدائين هھڙا نرم ۽ سڳنڌ وارا ڪپڙا پاءِ ڪيڏي وڻين پيئي."

انهيءَ وڻڻ جون تہ گهڻيئي ڪٿائون هيون منهنجي شاديءَ کان اڳ جي سڪين ساهڙين ماروئين ماسائن وغيره جون. پر جئن ئي هيءُ شڪ جو چنڊ گرهڻ منهنجي مٿان لڳو هو. تيئن ئي سيني وٽ اچڻ وڃڻ ڇڏائجي ويو هو.

هنن سڪين ڏاڍي چاهہ سان منهنجو اهو ڪنواري هوندي وارو باب پڙو. مان تہ پاڻ کي وري ان وڻڻ وڻائڻ جي دنيا ۾ داخل ٿيل محسوس ڪري بس تڙي پيس.

ديويءَ پڇيو. "تنهنجا پار هيٺ ڪمپائونڊ ۾ ڏسبا ئي ڪينهن. ڇو پلا؟"

مون چيو. "مان ئي لاش ٿي پيئي هئس تہ پار بہ اڌ مئا ٿيا پيا آهن. ڪلن ڳالهائين تہ ماري رکان."

ديويءَ کلي چيو. "سس سهري کي ناپ وجهڻ لاءِ؟" ڳالهہ ٺوڪ

جي هئي پر اهڙو ڪلي ۾ پنهنجائيءَ سان ڇيل هئي جو مون بہ ڪلي ان جو سچ مڃيو.

ارونا چيو, ”اهو ڪي سمجهين ٿي تنهنجا ٻار انهيءَ گهر جي گهپيءَ ۾ اندر وينا وينا موڳا ٿي پوندا. روز نيم ڪري چڏ, ٻارن کي ٻين ٻارن سان راند ڪرڻ لاءِ, هڪ ڪلاڪ ئي سهين, روز هيٺ موڪل. نہ تہ اها پيلاڻ, ٻارن جي منهن تي جا مان ڏسان ٿي, سان هڪ ڏينهن سائي يا سلهہ جو روپ وٺندي دير ڪين ڪندءِ. “

ڪرشنا منهنجي پٺيءَ تي ٿڪ هڻي چيو, ”اڙي پهرين پاڻ تہ پاڻکي انهيءَ شڪ جي گرهڻ کان آجو ڪري“

”نہ نہ منهنجي ڪري ويچارا ٻار ڇو ڪل خوشيءَ کان محروم رهن. مان خود شام جو هيٺ وٺي اچي ٻارن سان دوستي ڪرائيندي سان“

سس ڏاڍو اعتراض ورتو, ”ٻار سنگت ۾ ڪرجي پوندءِ, راند ۾ ڪا ٽنگ ٻانهن ڀڃائي ايندءِ..“

مونکي الاجي ڪٿان ايڏي ٻي ڊپائي اچي ويئي جو چيم, ”توهان جي پٽ وانگر تہ ڪين ٿيندا. جو ٻئي جي دک سک جي سار لهڻ جي همٿ ئي نہ هجين“

سس ٻائيءَ جو وات ڦاٽي ويو. اکيون ڦاڙي پڇيائين, ”هي تون ٿي ڳالهائين؟ منهنجو پٽ بہ توتان اول گهول پيو وڃي تہ مڙس بہ توتي اکين ڇڪن ٿي پيو آهي. سو ڪني ڪڪي اڄ تون ايتري ٻڪ ٿي ڪرين منهنجي اڳيان؟ رات جو اچي مڙسنهن تہ چوانس مونکي هڪ

هڪاڻي ڪرڻي آهي...“

رات جو برابر ٻنيور کي باهه لڳي ويئي. سس ٻائيءَ آخر چتاءُ ڏنو ته گهر ۾ يا ننهن رهندي يا سس.

مون به زبان کولي، ”مونکي پيڪن ۾ ڪونه وڃڻو آهي. ڪمائيندڙ مڙس جا ٻار بکاري بنائڻ ڪونه ويندس.“

سس ٻائيءَ چيو، ”ها ها جدا گهر ڪري وهاري اچينس. پر اهو ٻڌي ڇڏ ڪنن مائٽن جي ڌي، منهنجو پٽ مون وٽ رهندو.“

”ها ها ڀلي رهي توهان وٽ. هيٺ ئي هڪ جاءِ خالي ٿي آهي، وٺي ڏيو مونکي.“

سهري جو به وات ڦاٽي ويو. چيائين، ”اڙي هيءَ ته ڦوٽي پيلياٽي ٿي ڳالهائي؟“

سس سهري جا لفظ ٻڌي الاجي ڪئن مڙس کي غيرت آئي، جو چيائين، ”ٺيڪ آهي. دادا ٻارن جي پڙهڻ ڳڙهڻ لاءِ هونءَ به جڳهه سوڙهي آهي. اسين چار ئي ٻئي فليٽ ۾ وڃي رهنداسين.“

ائين لڳو چڻ باهه جي ٻنيٽ تي ڪنهن گيهه جو دٻو ڪٽي ليٽايو.

# بي رخي

نندني سهڻي گل جيان ماتا پتا جي باغ ۾ ڪڙي هئي. هنن بہ وس پڄندي گلاب جل سان ڪيس اسرايو هو. چاچيءَ جي انقلابي پائنٽي جڏهن ويهن ورهين جي نندنيءَ جي سونهن طرف ڏٺو تہ ڪنڌ هيٺ ڪري پٽڪيائين, ”نندني تنهنجن مائٽن ۾ تہ ڪير بہ تو جهڙو ناهي.“

” مطلب ؟“ نندنيءَ ذرا شرارتي غصو منهن تي آڻي چيو.

”مطلب؟..“ ڪياڙي ڪنهندي ”تو جهڙو سهڻو“ چئي, انقلابي اشوني ڪمار تڪڙو تڪڙو هليو ويو هو.

چاچي رڪيءَ سڏ ڪري چيو, ”اڙي اشوني, ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

اشوني جواب ڏيڻ بنا هليو ئي ويو.

”تو ڪجهہ چيس ڇا؟“ چاچيءَ نندني کان پڇيو.

”ڪجهہ بہ نہ پاپي. “ هٿ ڇنڊبي نندنيءَ الائي ڪهڙيءَ چوريءَ کان پاڻ کي آجو ڏيکارڻ ٿي چاهيو. ”پرپاپي توهان پنهنجي پائنٽي جو نالو اشوني ڪمار ڪيئن رکڻ ڏنو. اڳي تہ ماڻهو اهڙا سهڻا نالا رکندائي ڪونہ هئا.“

”رڳو نالو ئي وڻيو اٿيئي ڪين پاڻ بہ پسند اچي ويو اٿيئي؟“

چاچي ائين ڪلي جڻ گلاب ٽڙيا.

”ها . . . “ وري بہ هٿ چنبي نندني منهن ڦيرائي هلي ويئي.

جڏهن نندنيءَ لاءِ ماءُ پيءُ ور جي ڳولا ڪرڻ لڳا، تڏهن ڪنهن اشوني ڪمار جو بہ نالو ڪنيو هو. پر ڪيترو عرصو تہ وڏن گهرن جي ”سهڻي ٻانهن ڪپي“ جي ملمعي ۾ پئي پٽڪيا. ڇو تہ سهڻي ٻانهن سان گڏ انهن کي ڏاج ڏيوڻ بہ سهڻو ڪپندو هو، پوءِ سندن ڇوڪرا پلي ڪارا ڪلوٽا ڇو نہ هجن. ڪن کي تہ ڏسي نندني روئي پوندي هئي، آخر اشوني ڪمار جاگرهہ زور ٿيا. نندنيءَ خود هڪ ڀيرو نالو بہ ڪنيو. بس پوءِ تہ اشوني ڪمار جي خوشيءَ جو پار نہ رهيو. رکي تہ هن پاسي چاچي هئي هن پاسي پڦي. ٻنهي طرف سندس ماتري ڀاو هو. ڀاءُ کي چيائين، ”ڏسج منهنجي ڌيءَ جهڙيءَ ڏيروٽ کي انقلاب جي بم گولن ۾ نہ اڇلي ڇڏي اشوني. بابا هن گهر ۾ تہ ريشم پٽ جيان پلي آهي ڇوڪري.“

ڀاءُ ڀاڄائيءَ خاطري ڏنس تہ نندنيءَ وارن کي چيائين، ”منهنجو ڀائٽيو اٿو دنيا کان نرالو. پنهنجي امير چاچن چاچين جي اولاد کان اٽيءَ ويهڻيءَ ۾ بلڪل ئي نيارو آهي. نندني ڌيءَ تون ڪڏهن سندس ٻين سان ڀيٽ نہ ڪجانءِ. هي اٿيئي دل جي دولت جو مالڪ. اميرن کان امير.“

مگر شاديءَ جي سفر تي نڪرڻ کانپوءِ نندنيءَ کي ڪٿي ڪائي زبردست کوٽ محسوس ٿي. اشوني ڪجهہ وقت نندنيءَ جي سونهن

سوپيا ڏي ڏنو پر سندس غير رواجي جيوت جيئڻ جي شوق ڪانئس سيڪجهه پلائي ڇڏيو. سماج شيوا جي آفيس سنڀاليندي گهر ته ڪانئس وسري ئي ويو هو. ڪجي ڪجي آخر نندنيءَ هڪ ڏينهن چئي ڏنو، "اشوني تو ۾ زندگيءَ کي ماڻڻ جو چاهه اصلي ڪونهي."

"توسان شادي ڪرڻ منهنجو زندگي ماڻڻ جو چاهه ناهي ڇا؟ ۽ ڪم به ته جيوت جو ڪو حصو آهي ڪين نه؟"

نندني رسي پيئي. اشونيءَ ته زندگيءَ کي باقي به ٻيو موڙ ڏيئي ڇڏيو. هاڻ نندني هن لاءِ اها ڪين هئي. ڪلپنا جي ديوي، جا هن شاديءَ کان اڳ تصور ۾ آندي هئي. هاڻ ٻنهي جي وچ ۾ هڪ اڻ ڏٺي ديوار کڙي ٿي ويئي. نندني ڳوڙها ڳاڙيندي سوچڻ لڳي: اگر اهڙي تکي نوع ۾ اهي لفظ نه چوي ها ته مان دل ۾ شايد نه ڪريان ها. ڪيترو ڪجي ٿو ڳالهائي؟ باپ ڙي جڻ مون مان دل کٽي ٿي پيئي اٿس.

"دل کٽي ٿي پيئي اٿس." سوچڻ ڇا هو بس نندنيءَ جي ڳلن تان ٿاهه ٿاهه ڳوڙها ڳڙڻ شروع ٿي ويا.

اشونيءَ کي نندنيءَ جي روح راڙي جي ڪا خبر ڪانه پيئي. صرف سندس لٿل منهن طرف ڌيان ويس ته به چار پيرا پڇيائينس، "گهر ۾ ڪنهن ڪجهه چيو اٿيئي ڇا؟"

نندنيءَ ڪنڌ هلايو. اشوني پاڻ پنهنجي ڪم مان فرصت نه پئي پائي سگهيو ان ڪري ذرا خفي هو. بس ايترو سوچي ته نندنيءَ کي گهر ۾ ڪنهن ڪجهه نه چيو آهي، پنهنجي فرض ادائي پوري ٿيل

سمجهي، پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ لڳي ويو.

نندني سندس ڪاڏي پيتي جو ڌيان برابر پئي رکيو، مگر ڪٿي ٿيل دڪ کي منٺي ڪرڻ بدران پنهنجيءَ دل کي اشونيءَ طرف ڪٽو ڪري ڇڏيائين. هاڻ هوءَ پنهنجي نڙانن، پينرن، ساهيڙين ۾ نئين سر چاهه ونڻ لڳي. ڪيس ڏسي ساهيڙين کي اپار آنند حاصل ٿيو. چيائون، ”اسان ته سمجهو اشوني چا مليو اٿيئي، اصل اپ جو تارو مليو اٿيئي سو ڪانئس پل به پري ڪين ٿيندينءَ.“

هاٽي اشوني پاڻ وڏيڪ خفي ٿيڻ لڳو. چوي، ” ڪا نه ڪا تنهنجي ساهيڙي يا نڙان پيڻ تو سان لٽڪي ئي پيئي آهي. ڪجهه ڪم چوٽو هجي، ڪيڏانهن ٻاهر توکي وني وڃٹو هجي ته چا ڪجي؟“

”ٻاهر وڃڻ لاءِ ته مونکي چئو ڪين ٿا. “

”ڪيئن چوان تنهنجو من ان طرف هجي به نه.“

نندنيءَ جي زندگي ۾ هڪ نئون موڙ اچي ويو. هاڻ هوءَ هر سماجڪ ڪاريه ۾ اشونيءَ سان گڏ هوندي هئي. اشوني اتي به ڪمن ڪارين، چوندن، چهچٽن، ليڪچرن ۾ رڌل هوندو هو ۽ نندني هن هن سان ٻڪ شڪ ڪندي رهندي هئي. جڏهن هڪ ڏينهن ڏاڍي تکي آواز ۾ اشونيءَ چيو، ”هي چاهي، هيءَ منهنجي دوستن درن وچ ۾ تنهنجي چمچاگيري چا لئه پيئي هلي؟ آهي ڪنهن دوست جي زال جو نالو ٻين جي زبان تي؟ هڪ تون ئي آهين جنهن لاءِ هرڪو ڪجهه نه ڪجهه بيان ڪندو پيو رهي.“

نندني وسي تي ويئي. چيائين، ”وس پڄندي تنهنجي ڪاريه ڪرتائن، سندن زالن، ٻارن سان بلڪل ئي منو ڳالهائيندي رهي آهيان..“

”اهوئي ته روئڻو آهي. تنهنجي چرٻ زباني ڏسي سڀ چوڻ لڳا آهن اشوني ته ههڙيءَ سونهن ۾ سياءُ جي ملڪا جي لائق ئي نه هو... ٻڌي هاڻي ته تنهنجو پيٽ ٺريو؟“

نندني ان ڪن ئي ڦٽي هياءُ رئڻ شروع ڪري ڇڏيو.

اشوني جي ماءُ ڏاڍو خفي ٿي. چيائين، ”آخر آهي ڇا، جو هيڏو ڪٽي پنڻ وڏو اٿيئي. ڪيئن ٿي مڙس سان گهمين، ڪيئن ٿي ساهيڙين سڌن وچ ۾ ٺهڪڙا ڏين، آهي ڪنهن ننهن ڌيءَ ڪي ايڏي واڳ؟“

نندني ٿئن وڏيڪ ڦٽڪڻ لڳي. ان ڏينهن اچانڪ چاچي اچي نندنيءَ جي گهر نڪتي. سس ان کي به ڏوراپو ڏنو ته، ”هيءَ تنهنجي گهوٽ جي پاڻي ته ڪنهن ڳالهه ۾ راضي ناهي. ڪيئن وني ڏنئه منهنجي شيواڌاريءَ پٽ اشونيءَ کي؟ تون ته منهنجي نران آهين، توکي ته اشونيءَ جي سياءَ جي شروع کان خبر هئي..“

چاچي پنهنجي ڪنول گل جهڙي وجود مٿان گپ چڪ جو بار محسوس ڪيو. نندنيءَ کي سڏ ڪري پاسي ۾ وهاري چيائين، ”نندن پٽ تو اڄ شايد خوب رنو آهي“

نندنيءَ جي ڳلن تان جهر جهر ڳوڙها وهڻ لڳا پر مک تي مرڪ اهڙي هئس جو چاچي به موهت ٿي پيئي. نراڙي چمي ورتائينس. پلئه سان سندس اکيون اگهي چيائين، ”اهو سانوڻيءَ جو اساڪڙيءَ ۾ مينهن،

مرڪ مٽان اکين جي جل جي پرلٽ پلا ڪيئن بند ڪندينءَ؟“

نندني وڏيڪ ڦٽڪڻ لڳي.

”سس لاءِ شڪايت اٿيئي؟“

نندنيءَ ڪنڌ سان ناڪار ڪئي.

چاچيءَ چيو, ”تڏهن توکي پنهنجون پينر, پائنيون ٿيون ياد اچن, جيڪي سڄو ڏينهن ويس وڳا پيئون پائين لاهين, ميندي رتا هٿ ڪنيون پيئون ٺپن ڪڍن... اڄ بہ سانوٽي ستئن اچو پيڪن ۾ پچتا ڪيلين... ٽيجريءَ ۾ چوٽ جا ورت رکيو پيئون آنگاسيءَ تي وجيو چنڊ کي عرق ڏيئي چون– اپر اپر چنڊڙا... اهائي جيوت پيئي ياد اچيئي نہ؟“

نندنيءَ وري بہ ڪنڌ سان ناڪار ڪئي.

تڏهن چاچي ٿورو پرڀوڻ ڏيئي اٿي کڙي ٿي. ويندي ويندي اشونيءَ جي آفيس وٽان لنگهي تہ اندر گهڙي اشونيءَ کي اشاري سان چيائين, ”سياڻي فرصت ڪڍي مون وٽ اچج.“

اشونيءَ سوال ڀري نظر ڪنئين تہ چاچيءَ چيو, ”بس ائين وساري ڇڏيو اٿيئي داديءَ کي؟“

ٻئي ڏينهن تي اشوني گهر مان آفيس وڃڻ لاءِ هونءَ کان ڪلاڪ اڳ ئي نڪتو.

چاچيءَ هاءِ ياءِ ڪرڻ کان پوءِ سڌو ڳالهہ جي ڳانٽي تي لهي آئي.

چيائين, ”اشوني توکي خبر آهي جيڪو ٻار ڄائي ڄم کان ڏاٻر

هوندو آهي ان ڪي اگر زوري ساڄي هٿ سان لکڻ سيکاريو آهي ته هو موڳو ٿي پوندو آهي؟"

"هوندو."

"هوندو نه آهي، سيني من وديا جي ڄاڻن جو رايو آهي ته جئن وڻ کي سڌا اپرڻ کي ڦهلاءَ پائي ويڪري جاءِ وڻن تئين انساني سڀاءَ به ڪجهه قدرتي نموني جا آهن."

"ڇڏ ڇڏ اجايون ڳالهيون. قدرتي نموني ماڻهن کي ڇڏي ڏجي ته جهنگلي ٿي پون. ماڻهن ۾ هجي ضابطو. ماڻهن کي هلائڻو آهي ڪنهن ڍنگ سان، نه ته هي ملڪ ۾ راڄ ڪاروبار ڇا لاءِ آهي."

"اشوني اشوني تون ڳالهه کي ڇو نه ٿو سمجهين. راڄنيتيءَ ۾ به جيڪي شاعر جيل ۾ بند ڪيا ويندا آهن اهي جيڪي ڪپي ڏيندا، پر ٻئي جو ضابطو نه قبوليندا آهن... مونکي ته لڳي ٿو توکي ٻيو ڪو ويچار آهي من ۾."

اشونيءَ بگڙندي چيو، "اڙي سڀ دوست هنجي ساراهه ڪن، ڇو انهن جو ڪير لڳي؟"

"او او اشوني. " چاچيءَ ٻئي هٿ وڌائي اشونيءَ کي پڪڙڻ چاهيو. کلي چيائين، "اشوني توکي نندنيءَ تي حسد ٿو ٿئي؟"

"هان حسد ٿو ٿئي....؟ هن بيوقوف ڇريءَ ڇوڪريءَ سان مان ڪندس حسد؟... تنهنجو دماغ به الاجي ڪٿي ٿو وسي."

”ڏس اشوني ڇوڪريون ڀاو ڀريون سهڻيون ۽ سمجهو ٿوريون آهن. ڇوڪرا گهٽا آهن. ڪا ورلي ڇوڪري نندنيءَ جهڙي ڏسندين. انکري هرڪو وينو انجي ساراهه ڪندو. تو ۾ ڀل ان ڪان وڌيڪ ڪجهه هجي، پوءِ بہ شايد ڇوڪرو هجڻ جي ڪري تون ايترو مان نہ پائي سگهين...“

”اڙي ڇڏ ڇڏ. ڇڳي دير پيئي ٿيندي وڃي هاٿي هلون.“

چاچيءَ اشونيءَ کي چيو، ”هاٿي هٿ ڪول ڀهرين.“

اشونيءَ بہ ٿي دفعا ڇوائڻ ڪانپوءِ هٿ ڪولي وڌايو. چاچيءَ مٿس آڱر سان لکيو. ”پيار.“

”يعني؟ “ اشوني پڇيو.

”يعني تون نندنيءَ کي پيار ڪر، هنجي هرڪا ڳالهه توکي سک ڏيندي.“

”دادي، تون بہ نندنيءَ وانگر ٿي ڳالهائين، ڇي: توکي جيوت سان لڳاءُ ڪانهي.“

چاچي اشونيءَ جي نراڙي چمي چيو، ”پٽ اندر ۾ جهاتي پاءِ، ڏيئي جي هيٺيان اوندهہ هوندي آهي، پر سورج تہ ساروئي پرڪاش هوندو آهي، ڪوئي جي ٻڙ کي بہ روشن ڪندو آهي. تون ڏيئو تہ پر پرڪاش آهين. “

اشونيءَ جي من ۾ سڄو وقت پڪيءَ جا لفظ پئي هليا، ”سورج تہ

سارو ئي پرڪاش هوندو آهي.“

اوچانڪ ئي اشونيءَ کي لڳو هيترا ڏينهن هو خبر ناهي ڇا ڇا سوچيندو رهيو آهي. دل تي هڪ پٿر جي بار کي محسوس ڪندو رهيو آهي. شام تائين ”سورج تہ سارو ئي پرڪاش هوندو آهي.“ لفظن جي جا پنهنجو پاڻ مالها پئي جپجندي رهي. تنهن سندس وجود کي هلڪو ڪري ڇڏيو.

پڳڙن جي پڙي اشونيءَ جي هٿ ۾ ڏسي نندني وائڙن جيان مڙس طرف نهارڻ لڳي.

”هان وٺ ڪاڻ نندني ڪيترا سال جو پڳڙا نہ ڪاڏا آهن تہ اڄ انهن مان سودا پيو اچي.“

نندنيءَ بہ ٿي پڳڙا ڪائي چيو. ”برابر. “

رات جو سمهڻ مهل جڏهن اشوني ٽيبل لئمپ نہ ٻاري. ڪتاب بہ هٿ ۾ ڪين کنيو. تڏهن وري بہ نندني مڙس طرف وائڙن وانگر ڏسڻ لڳي.

اشونيءَ چيو. ”اڙي اسان پنهنجي روم جو در تہ بند ئي نہ ڪيو آهي. اٿي در تہ بند ڪر نندني.“

نندني جي مک تي وچ جي ريکا جيان مرڪ ڊوڙي ويئي. پر اٿي در بند ڪرڻ بدران فقط ٽيوب لائيٽ وسائي ڇڏيائين.

تڏهن اشونيءَ چيو. ”ڪيڏو روشنيءَ جو دهو ٿو اچي ٻاهرئين

ڪمري جو. " ۽ اٿي خود ئي روم جو در بند ڪري آيو.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن نندني ۽ اشوني ڪمار ڪلندا ڪڏندا پڦيءَ جي گهر پهتا، تڏهن نندنيءَ چيو، "الائي ڇو اسان چاچيءَ ڪي هيترا ڏينهن وساري ڇڏيو هو."

اشونيءَ چيو، "نہ پڦيءَ ڪي. "

نندنيءَ چيو، "نہ پاپي وڏي ڪي ۽ دادي وڏي ڪي."

تڏهن چاچيءَ ڪلي چيو، "پاپي ڇئو، دادي ڇئو، آهيان تہ مان اهائي رڪي."

نندنيءَ ڪلي چيو "سڪيلڏي پاپي. "

ڳل ۾ چموٽو وجهي پاپيءَ چيو، "ڇوڪري سڪيلڏي پائٽي تہ تون آهين، پنهنجي چاچيءَ جي... ان ڪري منهنجي بہ. "

"۽ مان؟ "

اشونيءَ "۽ مان" اهڙي ڪلائيندڙ نموني چيو، جو نندني ۽ رڪي دادي خوب ٺهڪ ڏيئي ڪليون.

جڏهن ٽول ڊنگ ڪائي، ٻئي وڃڻ لڳا تڏهن رڪيءَ شب ۾ پڇيو، "اشوني پلا آخر مسئلو ڪيئن حل ٿيو؟ "

اشونيءَ نندنيءَ طرف ڏسندي چيو، "همت ۾ جو لڪڻ ڏيئي وئيئن مونکي. "

"لڪڻ؟ " نندني سوال جي نشاني بڻجي مڙس ڏي ۽ وري دادي رڪيءَ ڏي ڏسڻ لڳي. رڪي خود بہ لڪڻ اکر تي وائڙي ٿي ويئي

هئي.

”هاڻي اها پرولي دادي توکي سلڻي پوندي. “ پر جواب ٻڌڻ بنا ئي ٻئي کلندا کلندا نڪري ويا.

رکي ڪجهه وقت من ۾ پيچ گهر ڪندي رهي پر سارو وجود اڄ ڏاڍو پرسن هو.

# جيئنداڻي مري ويو

ڪيتري بہ تڪڙ ڪندي، آفيس ۾ سويل پهچڻ مون لاءِ اجان تہ ناممڪن ئي رهيو آهي. ان ڏينهن تہ ناٽڪ لکي پورو ڪيو هوم سو خوشيءَ ۾ پئي سوچيم، اج ڪنهنجو بہ ڊپ ناهي ڪرڻو. بس هڪ ئي ڏن سوار هئي تہ ڪنهن طرح لنچ ٽائيم ۾ وڃي جيئنداڻيءَ کي سندس آفيس ۾ هيءُ ناٽڪ ٻڌائي ايندس. هتن کي بہ تي ڦوڪون ڏيئي گرم ڪري ورتم. جلدي جلدي فائيل کولي پڙهڻ لڳس تہ فون جي گهنٽي وڄي. اج ڪلهہ ياريءَ دوستيءَ جو دائرو ايترو تہ وڏي ويو آهي، جو جند ئي اڙجي ويئي آهي. ”الاجي ڪهڙو آهين پٽيا چوندي فون ڪنيم. ڪوئي گنگهي رهيو هو. چيم، ”پائي ڪير آهين؟ جيئنداڻي آهين؟“

ڏاڍو ڳورو آواز آيو، ”جيئنداڻي مري ويو.“

”هان، جيئنداڻي مري ويو؟“ منهنجي هٿ مان رسيور ترڪي ويو. رسيور کڻي وري پڇيم، ”ڪڏهن؟“

”اڄ صبح جو اٺين بجي.“

منهنجون ته ٻه ٻه ويئون ڇهه ٻه ويئون. پنج منٽ اڳ ۾ جيئنداڻيءَ سان ملاقات بابت ويٺي سوچيم. واقعي ”بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي“ ٿي نظر اچي. ليڪن ”نو آتما“ ڊرامي جو ڇا ٿيندو؟

من پڇيو، ”جيئنداڻيءَ جي مري وڃڻ جو توکي ڏک ڪونهي، رڳو ڊرامو نه ٿي سگهندو انجو ڏک اٿيئي؟“

مون چيو، ”ها. مون جيڪا ڊرامي لکندي نو آتما جي شڪل پنهنجي سامهون رکي هئي سا ته جيئنداڻي جي ئي هئي. هو ئي منهنجي ڊرامي جي جان هو. سندس قداور آڪار، جڏهن عجيب رنگن جي روشنين وچ مان ظاهر ٿي چوي ها، ”ساٿيو هڪ آرسيءَ تي پٿر لڳو ۽ آرسي ٽڪر ٽڪر ٿي پيئي پر پوءِ ... آرسيءَ جي هر ٽڪري ۾ نظر ٿو اچي، نو آتما جو عڪس. زماني وارن وشواس جي آرسيءَ مٿان ناستڪتا جو پٿر هنيو آهي، مگر عجب ته ڏسو هرڪو ٽڪرو ٻڌجي پيو آهي نو آتما جو عڪس. ڀڳوان جو عڪس. انيڪ ڀڳوان ٻڌجي پيا آهن هن جڳ اندر. انيڪ انسان، جن ملڪ جي سک دک لاءِ پاڻ کي جوابدار کڻي ٺهرايو آهي... اسان سڀني ٻه...“

اوچتو ڀڻيءَ تي ڪنهن ڌڪ هنيو. مڙي ڏسان سانولاڻي هو، ”اڙي

دوست پنهنجو جيئنداڻي مري ويو.“

”نہ تہ. “

”هينئر ئي تہ فون آيو. “

”دوستن کي خبر ڪيئي اٿيئي. “

”منهنجو تہ موڊ ئي خراب ٿي ويو آهي. “ مٿي تي هٿ رکي ويهي رهيس.

”اڙي يار هوڏانهن ”سنمان“ ناٽڪ لاءِ هال بک ڪرائڻ ويا هوندا ۽ جيئنداڻيءَ کانسواءِ پلا مکيہ رول ڪير ڪندو؟“

”پنهنجي نئين ڊرامي ”نو آتما“ ۾ بہ تہ جيئنداڻيءَ جوئي مکيہ رول رکيو هوم...“

سانولاڻي هٿو ڪٿو زنده دل رفيق آهي اسانجو. ڊرامي لاءِ پرميشن وٺڻ، هال ۾ انتظام رکڻ وغيره جهڙا ڪم اسين کيس سونپيندا آهيون. ڪيترن وقتن تي اسانجي ڊئريڪٽر سندس ساراهہ ۾ ائين بہ چيو هوندو تہ، ”سانولاڻيءَ کان سواءِ جيڪر هي ناٽڪ ايترو جلد پيش ڪري ئي نہ سگهون ها. “ مگر اڄ سيني کي خبر پئجي ويندي تہ جيئنداڻيءَ کان سواءِ ڊرامو ئي اسٽيج تي اچي نہ سگهندو...

”ڇڏ يار تون بہ زالن وانگر ٿو ٻوڙها ڳاڙين. مان ڏس ڪيئن چپ وينو آهيان. نہ تہ مون لاءِ تہ جيئنداڻي يار، دوست، سچو صلاحڪار، خبر ناهي ڇا ڇا هو... اجان ٿيون ڏينهن بہ گڏ هئاسين..“

”سانولاٽي چئہ، هو ڪنهنجو يار نہ هو؟ پوءِ بہ اسان کان وڌيڪ اڄ اسانجي قوم ڪجھ وڃايو آهي، جڏهن سنڌين جي ڏکن سورن جو اظهار ڪندو هو، تڏهن ايڏي جذبي سان ڳالهائيندو هو جڻ ساري قوم منجهس سمائي پيئي آهي..“ منهنجو من ڀرجي آيو.

سانولاٽيءَ هٿ کان ڇڪي چيو، ”بس يار روح هو روح. سيني انسانن سان ائين مليو پيو هو، جڻ ڪا وچ ۾ پٽ ئي ڪين هئي. پارٽ ۾ نئين سماج اڏڻ لاءِ اهڙائي جيو ڪين... ليڪن دوست هتي ويهي رهڻ مان ڪجھ نہ ورندو. هل سندس زال کان تہ پڇون آخر ٿيو ڇا جيئنداٽيءَ کي.“

مان ڏکھو ساھ کڻي اٿي کڙو ٿيس. سانولاٽيءَ نيڪ ئي چئي رهيو هو. پنهنجي باس کان موڪل وٺي ٻين دوستن کي فون تي خبر ڪيم. اڳيئي ناٽڪن پيش ڪرڻ سبب گهڻيون موڪلون ڪائي چڪو هوس، سو ڏاڍيءَ ريڙھ پيڙھ ڪانپوءِ مس موڪل ملي.

سانولاٽيءَ چيو، ”منهنجو دوست هيرانندانٽي ڪار کڻي ٿو اچي، گڏجي ٿا هلون.“

مون چيو، ”پوءِ تہ اوشا کي بہ فون ڪري گهرائي وٺون. جيئنداٽيءَ جي ڊرامن ۾ هن جو بہ ساھ آهي.“

سانولاٽيءَ چيو، ”ليڪن اٿيئي رڳي، فون تي نہ ٻڌائجانس تہ جيئنداٽي گذاري ويو، آفيس ۾ ئي روڄ راڙو شروع ڪري ڇڏيندي.“

”مون کي بہ خبر آهي تہ اسانجي هن سهڻيءَ ڪلاڪار جو روئڻ

سندس ڳنڍ ٻڌو مهمان آهي. ليڪن ڪنهن ڳالهہ ڪانسواءِ موڪل ڪيئن ملندس؟

پر عجب تہ فون تي چيائين، "اجها تي اچان؟ چڱي جمت آهي هنن سهڻين چوڪرين جي آفيسرن تي.

"هاڻي مسئلوآهي، هن چوڪريءَ ڪي جيئنداڻيءَ جي موت جي خبر ڪيئن ٻڌائجي. جي هتي آفيس ۾ اچي رئڻ ۾ چٽڪي تہ سڄي آفيس جو پين ڊائون اسٽرائيڪ چالو تي ويندو. "

سانولاڻيءَ چيو، "ليڪن ڪيس ٻاهر بہ ٻڌائي سگهجي ٿو. "

مون چيو، " ٻاهر تہ پاڻ وڏيڪ مشڪلات درپيش ايندي جو ڪيس روئندو ڏسي، اوايا سوايا ماڻهو الائي ڪهڙا انومان ڪندا. "

"تہ پلا نہ ٻڌائيندا سينس اهڙو فون چو ڪيئہ هچارئيءَ ڪي"

"ٻڌ سانولاڻي، رڳو چونداسونس تہ جيئنداڻي سيريس آهي. " هن نهراءَ تي شريمان سانولاڻيءَ جي ڪاٻي ڏر وارو نمونو تہ ٿمجي ويو. پر انتظار جي پڪيءَ اسانجي ماڻڪين ۾ هر پل پئي سٽڪا هنيان.

ڪنهن طرح سيپئي گڏجي هيرانندداڻيءَ جي موٽر ۾ چڙهي وڃي جيئنداڻيءَ جي گهر پهتاسين. رستي ۾ هيرانندداڻيءَ جي سوالن ڪي اشارن ۾ ئي گهٽي ڇڏيوسين. اسان ٻنهي مان بہ ڪنهن اکر نہ پئي ڳالهايو. ورلي ناڪو لتاڙيوسين تہ اوشا جي بي صبريءَ سندس اکين ڪي آلو ڪرڻ بہ شروع ڪري ڇڏيو. جيئنداڻيءَ جي دروازي جي گهنٽي وڄايم. سندس شريمتيءَ اچي در ڪوليو. اڪثر تہ سندس نظر اسان

مٿان ڪرندي آهي ته قهر ٿئجي، ڇو ته جيئنداڻيءَ ڪي رات جو دير تائين ڊرامن ۾ ترسائڻ لاءِ شريمتيءَ جي نظر ۾ اسين ئي جوابدار هئاسين. انهيءَ ڪري اسانکي به ذرا شريمتيءَ تي چڙ هوندي آهي. پر اڄ..... اڄ ته اسان جي اکين ۾ هن مائيءَ لاءِ همدرديءَ جو درياءُ پلٽيو هو.

بس مون ته ڪيس جيئنداڻيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ راتين جو سک وڃائيندڙ، ٿڌي روٽي کائيندڙ، اوسيئڙا ڪيندڙ، خبر ناهي ڪيترين صفتن واري ديويءَ جو لقب ڏيئي ڇڏيو.

اوشا ته يڪدم سندس ڳلي ۾ ٻانهن وجهي، ”ڪٿي سمهيل آهي جيئنداڻي“ چوندي ڪيس اسان ڪان پري ڇڪي ويئي.

اسين دوست سڀ وائڙا ٿي وياسين ڇو ته سامهون ڪمري ۾ ڊريسنگ ٽيبل اڳيان وينو ٿلهي ٽوال سان مٿو اگهي رهيو هو جيئنداڻي...

”اڙي تون جيئنداڻي؟ “ اسان ٽنهي ڪان رڙ نڪري وئي. ٻيءَ ڪن ئي مون غصي ۾ ايرڪي چيو، ”ته فون ڪنهن ڪيو هو اڄ ؟ “

”مون ئي ته ڪيو هو... يلا پندرهن ڏينهن به ڪوئي جيئري دوست کي وساري سگهندو آهي؟ تڏهن چيم مري ويو جيئنداڻي. ڇو خار نه لڳندا؟“

”اڙي پائي ٽن ڪلاڪن جو ناٽڪ لکيو اٿم. ”نئين آتما“ چيم سرپرائيز ڏيندو سان“ ليڪن ٺهڪڙن وچ ۾ ٻڏي ڪير.

پورو اپريل فول بيوقوف ڪڙو هوس.

# ڪيڙيل ڏرتي

ائين تہ مونکي مسٽر عيدناٽي جي آفيس ۾ آئي ڇهہ مهنا گذري چڪا هئا، پر باس کي منهنجي ڊرافٽنگ جو ايڏو قدر ٿيندو، سو تہ

مون ڪڏهن سپني ۾ به نه سوچيو هو. انيتا، اسانجي اسٽئنو ٽائيپسٽ موڪل تي ويئي هئي انڪري هاڻي مونکي ئي سڀ خط باس وٽان ڊڪٽيشن وٺي، اچي ٽائيپ ڪرڻا هئا.

باس چيو، ”جهڙا تنهنجا اکر آهن تهڙي ڪرين ٿي موتين جهڙي ٽائيپ ۽...“ مونکي چوٽيءَ کان وٺي پيرن تائين نهاري، مرڪي چيائين، ”تون خود به هڪڙو موتي آهين. “

”انڪل ...“ مونکان نڪري ويو ۽ ڪلندي ڪلندي هلي آيس. منهنجو اهو نيم آهي ته آفيس کان موٽي پاپڙ کائي، پاڻي پي، يڪدم پاسي واريءَ سروج وٽ هلي ويندي آهيان. سندس گهوٽ رات جو دير سان موٽندو آهي انڪري سروج شام جي وقت منهنجي ڪمپنيءَ لاءِ ڏاڍي راهه نهاريندي آهي. جڏهن باس جي ”موتي“ چوڻ واري ڳالهه ٻڌائيمانس، ته ڳل تي ٽپڪي هڻي ٿي چوي، ”سنيالجانءِ، ڪنهن ڏينهن انهيءَ باس لاءِ دل ۾ پيار نه جاڳي پوئي.“

مون چيو، ”حد ٿي ويئي سرجو. ڪا انترياماڻ آهين؟ يا اڳڪٿي ٻڌائڻ جو هنر پيئي سکين؟ ليڪن تون بلڪل غلط آهين. دنيا ۾ جوان ڇوڪرن جي ڇا پرلئه ٿي ويئي آهي؟ جو مان جنهن کي ”انڪل“ سڏيان، تنهن کي پيار ڪرڻ لڳنديس؟“

منهن تي روسامو ڪڍي مان هلي آيس. پر ٻئي ڏينهن به منهنجا پير پنهنجو پاڻ سروج جي گهر گهلي ويا. هوءَ اچي منهنجي پر ۾ ويٺي. ڪاڏيءَ کان پاڻ طرف منهنجو منهن ڪري چيائين، ”تون ڪالهه

مون سان رسي وئينءَ نہ؟“ منهنجي منهن تي اوچتو مرڪ مڙي آئي.

سرجوءَ ڀاڪي پائي چيو, ”مون تہ فقط چرچو ڪيو. مونکي ڇا ايتري بہ خبر ناهي تہ تون ڪيڏي پڪي سياءَ واري آهين؟ ائين نہ هجي ها تہ مان ڪاليج ۾ ڊيري تي پيس پر تون هزارين نظرن کي لتاڙي پاڪ پوتر نڪري آئينءَ, سو ڪيئن ٿئي ها...“

منهنجو من تہ سروج کي نئين واردات ٻڌائڻ لاءِ پئي تڙقيو سو ٺهڪ ڏيئي چيم, ”سرجو, مزي جي ڳالھ ٿي اچ“ سرجو اکين ۾ مک تي مرڪ آڻي پڇيو, ”ڇا ٿيو؟“

مون چيو, ”منهنجي بي ڪام جي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيڻ جي خبر پئجي ويئي آفيس وارن کي. ڏٺم, منهنجي ميز تي رجني گنڌا جي گلن جو گلدستو رکيو آهي. هڪ چٽ پن سان لڳايل هئي, ان تي لکيل هو. ”واڌايون“ مان يڪدم سمجهي ويس تہ هي ڪم ڪنهنجو هوندو. شڪرانا مجڻ لاءِ يڪدم باس جي روم ۾ هلي ويس. باس مونڏي ئي نهاريندو رهيو. سمجھ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾ شڪرانا مڃان. منهنجي رئي جي ڪنڊ ڳهڙيءَ ڳهڙيءَ ڏندن وچ ۾ ڦاسي ٿي ويئي, نيٺ همت ڪئي ڪري چيم, ”انڪل شڪرانا“ ۽ ڪلندي ڪلندي اچي پنهنجي ميز وٽ وينيس. آفيس جا ٻيا ڪلارڪ بہ مڙي آيا. گلدستي کي ڏسي خوب مسخريون ڪندا رهيا ۽ هڪ ٺوڙهو, جنهن لاءِ چوندي آهيان تہ آواز ڏاڍو سٺو اٿس, اهو دريءَ پاسي منهن ڪري ڳائڻ ويهي رهيو:

”انهي ديک کر جي رهي هين سيپي...“

پياري سرجو، ڇا ٻڌايانءِ مونکي تہ ايتري خوشي پئي ٿي جو اصل مري وڃان جيڪر. ايتري ۾ باس ٻاهر نڪري آيو. آفيس جي ڪلارڪن گڏجي گلدستو مٿي ڪٽي چيو، ”باس ٿري چيئرس فار نرملا ، هپ هپ هري“

باس چيو، ”سڀاڻي نرملا جي عزت ۾ ”اوبيراءِ شيريٽان هوٽل“ ۾ پارٽي. “

”اڙي سرجو، “ مون سروج جا ڳل پٽي چيو، ”ان مهل منهنجي تہ ڪنن جون پاپڙيون ئي ڳاڙهيون ٿي ويئون. “

سروج ڇڪي ڪٽي مونکي ڀاڪر پاتو.

گهر ۾ اچي مميءَ کي ٻڌايم تہ سڀاڻي منهنجي باس منهنجي عزت ۾ سڄيءَ آفيس کي وڏيءَ هوٽل ۾ پارٽي ڏني آهي. مميءَ چيو، ”چو اسانکي اچڻ لاءِ نہ چيو اٿس. “

رات جو ڊئڊيءَ کي چيائين، ”ڏسو نرملا جي باس جا ڪم، سڄيءَ آفيس کي پارٽي ڏني اٿس، باقي اسان ماءُ پيءُ ويناسين رڦ تي. “

ڊئڊيءَ چيو، ”چڱو جو نہ چيائين نہ تہ تنهنجو رينگٽ هلي ها سٺا ڪپڙا ڪونهن، چمپل ڪونهي...“

من ۾ سوچيم: هاڻي ايندڙ پگهار مان ماءُ لاءِ ڀهرين سٺا ڪپڙا خريد ڪنديس. سٺا ڪپڙا نہ هجڻ ڪري ئي تہ هيل سوڌو مٿن مائٽن

وٺ، شادين مرادين تي بہ نہ ونيدا آهيون. اڏارو وني پائڻ وري ڊئڊيءَ کي وٽي ڪونہ.

اوبيراءِ شيريٽان ۾ پارٽي ڏيئي باس جڻ منهنجي شخصيت کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا، ڪيترا ئي ڦوٽا بہ نڪتا. مونکي گهر ايندي ائين پئي محسوس ٿيو جڻ مان هڪ ننڍڙو ٻوٽو هئس جيڪو طوفان ۾ پاڙن کان اکڙجي پيو آهي ۽ مٽي مٽي اڏامندو پيو وڃي ۽ وڃي تارن جي وچ ۾ هڪ تارو بڻجي بيهي رهيو آهي.

ان ڏينهن دير سان موٽڻ جي ڪري سروج وٽ بہ ڪانہ ويس. مميءَ ڊئڊيءَ کي ڳالهيون ٻڌائڻ جي عادت ڪانهي ۽ خاص ڪري جڏهن مميءَ جو ارمان پوروئي نہ ٿيو هو تہ مان ڪيئن ٿي پنهنجي ڪپڙن، شڪل وغيره جي ساراهہ جا ڦول ڪيس ڏيکاري سگهيس. منڊي، بوٽ، پرس، مون سڀ پسند ڪري وڃي هن پارٽيءَ لاءِ خريد ڪيا هئا.

رات جو مميءَ سمجهو مونکي ننڊ هوندي. ڊئڊيءَ کي چيائين، "اڄ ڇوڪريءَ کي پارٽي ڪائي موٽندو ڏنوَ؟"

"ها پيٽسان، ڇوڪريءَ قد ڇگو ڪٽي ورتو آهي، وري ٺاهوڪي بہ ڇگي ٿي پيئي آهي..."

"تہ هاڻي ڪجهہ ڪرڻ کپي. ٻڌو نہ اٺو مرد ويري ننڍڙي، زال ويري سونهن" مميءَ چيو. پر ڊئڊيءَ جواب ڪونہ ڏنو.

جواب ڏنو منهنجي من... شادي معني خرچ ۽ خرچ هجي ها تہ ڊئڊي مونکي نوڪري ڇو ڪرڻ ڏئي ها... سروج وٽ فقط هڪ ڏينهن

گسايو هوم ته بئي ڏينهن تي چوڻ لڳي، ”تون ته هاڻي عيد جو چنڊ ٿي پيئي آهين. “

مون کلي چيو، ”چنڊ سمجهي آسمان ۾ ڳوليندينءَ ته به توکان ليندس ڪانه. ٻڌايانءِ ته ڇو؟ ته مان آهان هوا... هوا جو اهڙو جهونڪو جيڪو آواز جي لهرن کان به تکڙو پيو ڊڪي ئي ڊڪي...“

سروج کلي چيو، ”ڇو ڀلا باس هاڻي تولاءِ دنيا جي سير جي ٽڪيٽ گهرائي آهي ڇا؟“

”نه سرجو، عجيب ڳالهه ته ٻڌ. مونکي پنهنجي ڪيبن ۾ گهرائي وهاري ڇڏيائين. مون پنو ۽ پين تيار رکيو ته ڪجهه لکائيندو سمجهي ڏانهنس نهاريم، ته ٿو چوي: اڄ ڪجهه ڪونه لکائڻو آهي. بس تون چپ چاپ منهنجي سامهون ويهي رهه. مونکي کل پئي آئي. پنهنجو خانو کولي سو سو جا نوٽ ڪڍي چيائين: هاڻي تون آهين بي ڪام پڙهيل اسٽئنو. پگهار پنج سو وڌيک. “

پئسا وٺي ”ٿئنکيو“ چئي پچي تي آيس ته ٻانهن کان جهلي چيائين، ”۽ هي وٺ ولائتي سينٽ جي شيشي“ اها گلابي رومال ۾ ويڙهيل هئي. چيائين. ”هي اٿيئي منهنجي پاران انعام؟“

مون شيشي وٺي چيو، ”ٿئنکيو“ ۽ ٻاهر هلي ويس. پر شام جو جڏهن سيئي جڻا آفيس مان هلي ويا، رگهو مان ۽ ٻيون ٻه ڇوڪريون بس ٻاهر نڪرڻ واريون هيونسين، ته مونکي باس سڏ ڪيو.

مان ٻنهي ڇوڪرين کي ترسڻ لاءِ چئي باس وٽ ويس. چيائين،

”الاجي چو اڇي من ۾ پيو تہ وڃڻ کان اڳ، هن ٻالڪيءَ جو منهن هڪ ڀيرو وري بہ ڏسان. بس تون وڃ پلي..“

”سروج اهڙي ڪل پيئي اڇي ان مهل ڪان وٺي، جو ڇا ٻڌايانءِ؟“

سروج چيو، ”چو سندس زال ڪانہ اچي ڇا آفيس ۾؟“

مون چيو، ”ايندي تہ آهي، پر مون سان رڳو ڪلندي آهي. ڳالهائيندي ڪانهي“.

هن چيو، ”تون ڳالهائجانس. ها تون پاڻ ئي وڃي ڳالهائجانس“.

عجب جي ڳالهہ اها ٿي جو ٻئي ڏينهن تي مسز عيدناٽي پنهنجن ٻن ٻارن سوڌي آئي تہ پاٽيهي اچي ڳالهايائين. چيائين، ”توهان سيني جا هي فوٽا صفا ٺي آيا آهن، اوبيراءِ ۾ ڪڍيا هئائون نہ“.

”او“ چئي مان فوٽا وٺي ڏسڻ لڳيس. مونکي الاجي چو ائين پئي لڳو تہ شريمتي بس مونڌي ئي ڏسي رهي آهي. ان ڪري اڪ ڪٽڻ کان سواءِ ئي سڀ فوٽا ڏسي ورتم. پوءِ چيومانس. ”مان هي اڄ ڪٺي وڃان؟ پنهنجي ڊِئڊي مميءَ کي ڏيکاري سپاٽي ڪٺي ايندس“.

هن فوٽا تہ ڏنا، پر مٺان چيائين، ”راوڻ. “

مون چيو: ”ڇا؟“

هن چيو، ”ڪجهہ بہ نہ “ ۽ منهن سجائي هلي ويئي.

مون ”راوڻ“ لفظ واري ڳالهہ اچي سروج کي ٻڌائي. سروج فوٽا ڏسي چيو، ”هي ڏسين ٿي هر فوٽي ۾ باس توسان لڳي لڳي اچي بيٺو

آهي.“

مون چيو، ”پوءِ ڇا ان ۾ هو راوڻ ڪيئن ٿي پيو. وڏي ڳالهه مون ته سندس سامهون ئي انڪل ڪري پئي سڏيو مانس..“

ليڪن هڪ ڏينهن پوءِ، هڪ ٻيو عجيب واقعو ٿيو. باس مونکي ڪئبن ۾ گهرائي چيو، ”مان توکي سامهون ويهي رهڻ لاءِ ٿو چوان. تون ضرور عجب کائيندينءَ. پر تون شايد ان ڳالهه کي سمجهي نٿي سگهين. ڪوئي ڪنهنکي اچانڪ ئي وٽي ويندو آهي. ڇو وٽي ويندو آهي؟ ڪوئي ڪارڻ نه هوندو آهي. هو ڪيس پيار ڪرڻ چاهيندو آهي، ڪوئي ڪارڻ نه هوندو آهي. ڪڏهن ڪيس ٻانهن ۾ مٿي کڻڻ جي تمنا سندس سيني ۾ پڙڪي اٿندي آهي.“

مون کلي چيو، ”پر انڪل توهين هيڏا وڏا، توهانجي شريمتي..“ اڌ ۾ ڪٽي چيائين، ”شريمتي... اوهه شريمتيءَ سان مونکي ڪڏهن هڪ ڪن لاءِ به پيار نه ٿيو آهي. نرملا تون اعتبار ڪندينءَ، هڪ ڪن لاءِ به هوءَ مونکي اهڙي ڪاٺ لڳي آهي، جنهن کي چڪي چاتيءَ لائي چمي سگهجي.“

مان باس جون هي سڀ ڳالهيون ٻڌي من ئي من کلي رهي هئس.

آخر جئن ئي اٿڻ لڳيس، تئن باس مونکي ٻانهن کان پڪڙي زوريءَ ويهاري چيو، ”ويهه هاڻي پڇين ڪيڏانهن ٿي. “

دل ۾ چيم، هڪ پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪريءَ جي پڇڻ جون واهون ڪوئي ائين بند ڪري سگهندو آهي ڇا؟

ليڪن سندس هٿ منهنجي ٻانهن تي اهڙو زور سان لڳو هو جو مونکي لڳو منهنجي ڳلن ۾ خون جو دورو تيز ٿي ويو آهي.

باس ڪنڌ هيٺ ڪري چيو, ”رات ڏينهن بس تون ئي تون اکين اڳيان پيئي ڦرين. خبر ناهي ڇو توکي سامهون وهاري ڏسندو رهڻ جو جذبو ڏاڍو ڇو ڪين ٿو...“

”انڪل, مميءَ سان اڄ شاديءَ تي ويٺو آهي. مان وڃان پلي.“

باس ڪنڌ مٿي ڪنيو... ڏاڍو ڏکويل... دکي شخص پئي لڳو. من چيو, ”ڪاش ههڙي قرب واري شخص کي زال سٺي ملي ها...“

رت جو دورو فقط ڳلن ۾ ئي نہ, پر ساري بند ۾ اهڙو تيز ٿي ويو هو جو لڳو پئي منهنجا پير زمين تي لڳن ئي ڪين ٿا... ڪٿي مان اپسرا تہ ڪين ٿي پيئي آهيان. اهڙا خوش خيال ڪندي اچي سروج جي گود ۾ پيس.

سروج سان جڏهن سڄي ڳالهہ ڪيم, تڏهن سروج چيو, حق تي سندس زال چيو هو ”راوڻ.“

”پر هو راوڻ آهي ڪونہ... هنجي زال کي هن ڪڏهن پيار ڪيو ئي ڪونهي.“ مون چيو.

سروج چيڙائڻ جي نوع ۾ چيو, ”ها ها زال کي ڪڏهن پيار ڪيو ئي ڪين اٿائين, رڳو ٻہ ٻار تہ پئدا ڪيا اٿائين. اڙي چري, انهيءَ راوڻ تي قياس آٿي ڪٿي ويچاريءَ ٻن ٻارن جي ماءُ جو گهر نہ اجاڙي

ڇڏين.“

”ڇ ڇ.... “ مان ان ڏينهن سروج سان رسي پيس. گهر اچي ٿڌي پاڻيءَ سان سنان ڪري، ممي ڊئڊيءَ سان شاديءَ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳيس.

ڊئڊي چيو، ”هاڻي ته ڏيءَ تي ڪمائيس ته ماڻهين خوب سهڻا وڳا وٺي آئي آهي.“

واقعي مميءَ به جيڪا نئين ساڙهي پاتي هئي، ان سان بلڪل ڏهه سال ننڍي پئي لڳي.

اوچتو باس اچي اسان جي گهر پهتو. اسين سڀ حيران ٿي وياسين. سڄڻ جو هڪ سمنڊ وهڻ لڳو ساري گهر ۾.

”انڪل . . .“

”هاءِ نمو... هيءَ “ انڪل منهنجي مٿي تي هٿ رکيو.

”ممي. “

مميءَ مونجهاري ۾ ڪرسيءَ بدران اسٽول ڪڍي ڏنو باس کي وهڻ لاءِ.

مون اسٽول سيري، ڪرسي ڪڍي رکي... مميءَ پل محسوس ڪئي ته سندس شڪل لهي ويئي.

باس چيو، ”سچ پچ هيءَ تنهنجي ممي آهي؟“

”ها. “ مون ڪنڌ ڌوڻ سان چيو.

”جڻ نورجهان جي هٿ تان ڪبوتر اڏامي ويو آهي.“ باس چيو.

اسين ٻئي ماءُ ڌيءَ ٿهڪ ڏيئي کلي پيئوسين.

ٻئي ڪمري مان ڊئڊي آيو. پتي جون تاڪيون سندس هٿ ۾ ئي هيون...

مون چيو، ”ڊئڊي منهنجو باس مسٽر عيدناڻي.“

”او،“ ڊئڊيءَ ساڻس هٿ ملايو، ”عيدون ئي عيدون آهن توهان جي نصيب ۾ ته. نرملا ڳالهه ڪندي آهي ته توهين اجا ٻه برانچون به کولڻ وارا آهيو.“

”اگزئٽلي، بلڪل صحيح ڳالهه ڇئي اٿس. انهيءَ ڪري ئي ته توهان وٽ اچڻ جي تڪليف وٺي پيئي آهي مونکي.“

ڊئڊي ۽ مان وائڙا ٿي باس جي منهن ۾ نهارڻ لڳاسين.

”ڳالهه چاهي ته هينئر اجا نرملا جي ڪنهن ساهيڙيءَ جو فون آيو ته وڏيڪ پگهار تي هوءَ ڪيس پنهنجي آفيس ۾ نوڪري ڏياري سگهي ٿي. ليڪن توهان جي ڪڪيءَ جو ڪم اسانکي ايترو پسند آهي جو اسانجي آفيس ڪي ڪيس ڇڏڻ واري ئي ناهي. وڌيڪ پگهار ٻه يڪدم ڏنو ويندو.“

”آها.“ مون اندر ۾ هڪ وڏو ٿهڪ ڏنو. ممي ڊئڊي باس جي خاطرداري ڪرڻ لڳا. هن، ٻنهي جي نظر بچائي مونکي چيو، ”سياڻي سويلئي اچج. وقت ڪيئن ٿو گذري تو بنا، سا فقط مونکي ئي خبر

آهي. "

پنهنجي گهر ۾ بلي بہ شير سو باس سان هلڪي ڇيڙ ڪيم،
"اڪ پل جئسا اڪ يگ بيتا "

"دئنس اٽ، دئنس اٽ" وڏو ٺهڪ ڏنو باس.

ڊئڊيءَ پڇيو، " ڪهڙي ڳالهہ آهي."

باس پاڻ کي ڪاليجي ڪڪو سمجهڻ لڳو. جو ڪلي چيائين،
"اها اسانجي پرائيويٽ ڪوڊ ورڊ بات چيت آهي."

وجڻ مهل ڏنم باس جي نگاهہ منهنجي مميءَ تي اٽڪي پيئي،
مون چيو، "انڪل باءِ . "

باس اٺيو ۽ سگريٽ وات ۾ جهلي ڊئڊيءَ کي چيائين، "وسڪي
بسڪي پيئندا هجو تہ حاضر آهي... ڪار ۾..."

ڊئڊيءَ چيو، "نہ مهرباني، اسين هينئر ڪنهن مائٽ جي شاديءَ
تي وڃي رهيا آهيون..."

"هو هو هو هو..." باس جي ڪل ۾ هينئر انساني ڪل نہ ٿي نظر
آئي. باس هليو ويو. ڊئڊي ڪپڙا بدلائي اسان سان گڏ هليو.

شاديءَ تي ذرا دير سان پهتاسين. هال ۾ گهڙنديئي هڪ رمارڪ
ٻڌم "چنڊ تارو."

مميءَ کي ٺورو اڳ باس نورجهان سڏيو هو ۽ هتي بہ هو چنڊ
جي اهميت رکي ٿي. تڏهن ممي منهنجيءَ عمر ۾ تہ خبر ناهي ڪيتري

خوبصورت هوندي. هن ڳالهه طرف تہ منهنجو ڪڏهن ڌيان ئي نہ ويو هو.

مگر هي ڇا هو. شاديءَ جي پنڊال ۾ جتان بہ لنگهيس ٿي اتي جڻ هر نظر ۾ ڏياٽيون ٻري ٿي پيئون. پهرين سمجهيم اهو شايد منهنجو وهم آهي. ليڪن ڏٺم تہ هڪ مائٽين واري مائي مميءَ کي پرتي وٺي ويئي.

ممي جڏهن واپس منهنجي ۽ ڊئڊيءَ جي ويجهو آئي تڏهن سندس منهن پئي ٻهڪيو. ڊئڊيءَ کي چوڻ لڳي، "هيءَ مائٽين واري چوي ٿي هو ڇوڪرو جيڪو اسٽيج وٽ گهوٽ ڪنوار جي ويجهو ويٺو آهي، اهو ولائت کان آيو آهي، ڪروڙپتي آهي، پندرهن ڏينهن اندر شادي ڪري واپس وڃڻ ٿو چاهي."

"اخبار ۾ نٿو اشتهار ڏئي؟" ڊئڊيءَ چيو.

مميءَ ڏاڍي فلڪ سان چيو، "هنکي ڪپي سنڌي ڇوڪري ۽ اسانجي نرملا لاءِ ويچار اٿس."

"وائي بادي ڳالهيون پيئي ڪري اها مائٽين واري، ڪروڙپتي وٺندو بہ لک ڪين نہ، وڏي ڳالهه آهي خود بہ تمام سهڻو..."

هيءَ گفتگو بلڪل منهنجي ٻڌڻ لاءِ ئي ٿي رهي هئي.

مون اکيون کڻي انهيءَ ڇوڪري طرف نهاريو. هو شايد مون

طرف ئي ڏسي رهيو هو. ليڪن مونکي نهاريندو ڏسي، هن سونهن جي پندار هڪ کن لاءِ نظر جهڪائي ڇڏي ۽ جڏهن وري سڌو مون طرف ئي نهاري رهيو هو، تڏهن منهنجي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي. دل ۾ چيم: ڏسجي ٿو پرش پاڻ ناريءَ جي پيٽ ۾ وڏيڪ سهڻو آهي.

”مائٽين واري چوي ٿي هن دولتاڻي ڇوڪري کي توهانجي نرملا سني ٿي لڳي..“ مميءَ چيو ڊئڊيءَ کي، پر شايد منهنجي ٻڌڻ لاءِ ٻه. مونکي لڳو ڌڙام ڪري هڪ ناچڻي ڪنهن وڏي شاهي نغاري مٿان لهي پيئي آهي... پنهنجن جهانجهر پاتل پيرن سان ٺئي ٺئي ڪندي نغاري مٿان نچي رهي آهي. نغاري جي چوگرد پکڙيل هئي اٿاهه ڌرتي... کيڙيل هئي ساري ڌرتي... سچ مٿي بينو ڌرتيءَ جي کيڙيل ورن وڪڙن ۾ پنهنجين ڪرٽن جي ڏارائن سان ڪجهه سونجهي رهيو هو.

مائٽين واريءَ وري سرڻ جيان لامارو ڏنو. هن پيري ممي ۽ ڊئڊي ٻنهي کي پاسيرو وني ويئي. هلڪي مرڪ منهنجي چپن تي هئي ۽ مسٽر دولتاڻي آئيسڪريم جي پليٽ کڻي اچي مونکي آڇي.

”مون هاڻي ئي آئيسڪريم کاڌي آهي“ مون چيو.

”ته هيءَ ٻه کائڻي پوندو..“

کلي چيم، ”زبردستي..“

”ته خوبصورتيءَ جي خدائن وٽ التجا قبول پوي پلا. “

مون آئيڪسريم جي پليٽ هٿ ۾ ورتي. سندس لفظ لفظ

منهنجي ڪنن ۾ ور ور ڪري وڄڻ لڳو. سولن سنڌي اکرن ۾ هن منهنجي آتما کي هن سرير کان جدا ڪري آڪاس تي بيهاري ڇڏيو هو. هو ڪلنڊڙ اکين سان هڪ  ڇپنڊڙ نهار مونڏي اڇلي وري پنهنجي جڳهه تي هليو ويو.

ممي، ڊئڊي هاڻي منهنجي پر ۾ هئا... چپنڊڙ نهار جا منهنجي من جي ڌرتيءَ کي ڪيڙي ويئي هئي، سا اڃا بہ منهنجن اکين ۾ اٽڪيل هئي.... ناچڻي پنهنجي ڍول مٿان مينديءَ رتا پير هڻي هڻي خوب زور زور سان نچي رهي هئي. سچ جي ڪرڻن ۾ مومل جي ڪاڪ محل جي ڳاڙهاڻ شامل ٿيڻ لڳي... ائين پئي لڳو مٿي مٿان آسمان غائب ٿي ويو هو ۽ پيرن هيٺان زمين گم هئي. شايد هوا جي لهرن تي سازن مان نڪرندڙ سنگيت جي ڌنن تي تري رهي هيس مان...

ممي‌ءَ پڇيو، ”نمو توکي ڇگو ٿو لڳي هي دولتاڻي ڇوڪرو؟“

مون يڪدم ڪنڌ سان ”ها“ ڪئي.

ڊئڊي ڏي نهاريم، سندس رڳون تاڻجي ويئون هيون.

ممي‌ءَ چيو، ”مائٽين واريءَ کي ها ڪٽي ڇئون. “

”دل تہ جهل. ڪني مڇي ڪانهي اسانجي ڌيءَ جو دولتاڻيءَ کي ڏيندينءَ، دولتاڻي بہ ڪا آڪهہ آهي؟“

”آڪهين وارن کي تہ ڌيتي ليتيءَ جي مار لڳي پيئي آهي. “ ممي‌ءَ سرگوشي ڪئي.

”ڪونہ ڪو پاڻيهي هن هيري جو ملهہ سڃاڻندو. “

”توهين اسانجي سنڌي بوڪڙو گهوٽ_ مائن ڪي سڃاڻو ڪونہ، تڏهن تا چئو.“

”بس ڪر هاڻي، اڄ اڃا پگهار وڌيو اٿس... پهرين ٿوري دولت تہ گهر ۾ آڻي، اهڙا دولتاڻي گهڻيئي پيا ملندا...“

منهنجو ڊئڊي، گهر ۾ ڊئڊيءَ کان وڌيڪ باس تي رهيو آهي. سو باس جو فيصلو هو... سر چشم.

ناچڻي، ڊول تان لهي ويئي، سج غروب ٿي ويو. ڪيڙيل ڏرتي سوڪ ۾ ڦٽل زمين جيان اساٽيل رهجي ويئي.

سيني کان موڪلائي شادي هال کان ٻاهر نڪري آياسين.

مان چپ چاپ اونڌي منهن اچي گهر ۾ پيس.

صبح جو جڏهن آفيس وڃڻ لاءِ تيار پئي ٿيس، تہ مميءَ اچي پڇيو، ”تو رنو آهي ڇا نمو؟ “

ڳوڙهو هو نڙيءَ ۾ اٽڪيل. پرس کڻي چپ چاپ ٻاهر نڪري ويس.

آفيس ۾ پهچي خبر پيئي تہ باس اڄ بئنڪاڪ ٿو وڃي. هو فقط ڪن ڪن لاءِ ئي آفيس ۾ آيو ۽ مونکي ڪئبن ۾ ڪوٺائي چيائين، ”ننڍڙي اپسرا، مان بئنڪاڪ ٿو وڃان خريداريءَ لاءِ، پنيان اندر جي آسڻ تي ڪنهنکي نہ وهڻ ڏج. سمجهيئہ؟“

منهنجو منهن لٽل هو.

باس منهنجو هٿ پڪڙي چيو. ”دوستن زبردستيءَ پروگرام ناهي ڇڏيو، نہ تہ مان توکان سواءِ شايد ڪٿي بہ وڃڻ پسند نہ ڪريان“ مان اجان بہ چپ هئس.

باس، پنهنجي ڪرسيءَ جي پنين ٽنگن تي لڏندي چيو، ”تون ڪلين نٿي تہ ائين پيو لڳي ڄڻ چند مان چاندوڪي گم ٿي ويئي آهي. ڏسج مان دوستن کان پاڻ ڇڏائي ڪيتري ۾ ٿو اچان. نمو سچ پڇين تہ رڳو توسان ئي نہ، مونسان بہ ساڳي ويڌن آهي. مان هاڻ هڪ پل بہ رهي نٿو سگهان. اڄ شام ئي جيڪر تو سان هڪ وڏيءَ شاندار هوٽل ۾ پروگرام رکان ها، پر دوستن بئنڪاڪ لاءِ مجبور ڪري وڌو آهي... ٿورو تہ ڪل نمو... توکي ڏاڍو ستايو اٿم، پر مان بہ هر پل توکان وڌيڪ ستائجي ويو آهيان، ڪجھ منو نٿو لڳي... هن جان ۾ رڳو آتما ئي تہ ناهي... “

الاجي ڇو منهنجين ڪين ۾ آنسون پرجي آيا. مان ڪئبن مان ٻاهر نڪري آيس. اچي پنهنجيءَ جاءِ تي ويٺيس. اڳين اسٽئنو واپس آيل هئي. پنهنجي ٽائيپ رائيٽر وٽ ويٺي يڪ ٽڪ مونکي جاچي رهي هئي. پوءِ اٿي وچي پاڻيءَ گلاس ڀري آئي. مون اکيون اگهي پاڻي هڪ ئي ڍڳيت ۾ پي ڇڏيو.

باس، ڪئبن مان نڪري اسان سڀني آفيس جي ملازمن کي هلو هلو چئي، مونکي مٿي تي هلڪو ڌڪ هڻي، ڪلي هليو ويو. پنيان

جهوني استٽنو چيو, ”باسٽرڊ. “

ڪيترن ڏينهن ڪانپوءِ مس سروج سان ڪليو ڳالهائڻ جي فرصت ملي هئي. دولتاڻي چوڪري ڪان وٺي باس جي لاءِ ”باسٽرڊ“ لفظ ٻڌڻ تائين اڪر بہ اڪر سڀ ڪيس بيان ڪري ٻڌايم.

سروج ٺہيءَ ۾ پئجي ويئي. پوءِ اکيون مٿي ڪري چيائين, ”تون بہ پنهنجي باس کي پيار ڪرڻ لڳي آهين؟“

”نہ اصل نہ. “ مون تڙقندي چيو. اهو ڪلنڪ گهٽ ۾ گهٽ تون نہ لڳاءِ سروج. آفيس ۾ سڀ سمجهندا آهن مون انڪل تي جادو ڪيو آهي, پر انڪل جي هيتري لڳاوَ لاءِ مان جوابدار اصل ڪانہ آهيان. سندس زال ڪيس پيار ڏئي ها تہ شايد.... “

”ڦ... “ ڏاڍي ڌڪار مان سروج چيو. ”تو جهوني استٽنو واتان باسٽرڊ لفظ ٻڌو, باس جي زال واتان راوڻ لفظ ٻڌو. اجا بہ توکي انڪل لاءِ عزت آهي؟“

”عزت تہ آهي, “ مون چيو. ”ڊئبي چوندو آهي سنڌي باس هڪ سنڌي چوڪريءَ کي سدائين پنهنجي اولاد جيان سمجهندو آهي. تڏهن تہ مونکي ”عيدناڻي لميٽيڊ “ ۾ نوڪري ڪرڻ جي موڪل ڏنائين, نہ تہ پرائيويٽ سروس جي بلڪل برخلاف هو ڊئبي. “

سروج چيو, ”ٻيا سنڌي باس برابر پنهنجي فرم ۾ ڪم ڪندڙ چوڪرين کي اولاد وانگر سمجهندا هوندا, پر عيدناڻي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ اهڙو نٿو لڳي. تو اجا شادي نہ ڪئي آهي انڪري تون

سندس سندس اٿڪلون سمجهي نہ سگهي آهين. تو ڪي بي آرام ڪري هو دنيا پاڻي مان ڪڍڻ ٿو چاهي..“

”ائين نٿو ٿي سگهي، مون لاءِ هو ڏڏيءَ ڪان بہ وڌيڪ آهي... “

سروج ان ڏينهن رات جو پنهنجي گهوٽ سوڍي اسان وٽ لنگهي آئي. ڳالهين ڳالهين ۾ چيائين، ”ڏڏي توهين هاڻي نموءَ جي شادي ڪرائي ڇڏيو. “

”ڏڏي“ سڏجڻ تي ڏڏيءَ کي سچ پچ شايد خوشي ٿي هئي، جو کلي چيائين، ”پائي سيني جون ڇوڪريون ٿيهن ٻٽيهن ورهين تائين وينيون ڪمائين، هيءَ ڪهڙو بار آهي اسان مٿان، جو جلدي شادي ڪرايونس؟“

سروج چيو، ”نياڻيون جي پيٽن ۾ سمايون، سي ڪنيءَ تي بار تہ برابر ڪونهن، پر هر چيز جي هڪ موسم ٿيندي آهي. سپ بياتي نکشتر ۾ ئي وات پٽي وهندي آهي. پوءِ بوند مليس تہ ٿي پوندي هري پري، نہ تہ ويچاري سپ موتيءَ بنا رهجي ويندي سڪل سپ؟

ڏڏيءَ چيو، ”اسانجون حالتون ڏسو نہ. مان پهنجي آجيوڪا ڪمائڻ ۾ پورو. زال تہ آهي سهڻو ٿوهہ عقل اٿس ڪونہ. پر ڇوڪري وڏي ٿي آهي تہ چوندا آهن پڪيءَ ٻير تي ڪونہ ڪو پاڻيهي اچي پتر هڻندو..“

ڏڏي جو اهو رخ ڏسي، وجڻ وقت سروج چيو، ”تنهنجو ڏڏي تہ ٿڏو مانجهاندو ڪري وينو آهي. “

سجو مهينو گذري ويو. اوچتو انڪل جو هڪ دوست آيو. مونکان اچي پڇيائين, ”ملائي تنهنجو انڪل ڪڏهن ٿو اچي؟“

”ملائي, “ مان ذرا هوشيا ٿي ويس. ماڻهو ته ڪو لوفر ٿي لڳو. سو رڪائيءَ سان چيم, ”مونکي خبر ڪانهي“

هو ڏند ڪڍي کلڻ لڳو. ”توکي خبر نه هوندي ته پلا ڪنهنکي خبر هوندي؟ پلا فون ته لڳائينس“

مون پڪي منهن سان چيو. ”هاڻي ئي سندس فون اچڻ وارو آهي. اتان ڊائريڪٽ ڪال ملندو اٿس“

”يوناٽي گرل“...ڪي...ڪي.... ڪندو ڪيتري دير تائين هي مسٽر انبواڻي کلندو رهيو. فون سچ پچ ان مهل ئي آيو. هن مونکان ڦري يڪدم پاڻ ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”پوءِ گهڻيون خريداريون ڪيون اٿيئي سجي مهيني ۾ يار. فقط پنج؟... هفتي؟... ملائي؟ چڏ يار گهر جي ڳالهه گلاب وينو ماڻ, ڪهڙي ڪمي اٿيئي پئسي جي, ڇا ملائيءَ ڪي ڏيان ها پائي ملائي تون فون وٺ“

مون فون ورتو. پر هي ڇا فون تي ڪا ٻي لائين به گڏجي ويئي هئي... ”مان چوانءِ ٿي هاڻي بنا دير جي اچو“

بئنڪاڪ مان باس پڇيو, ”ڇو... ڇو ملائي تنهنجو آواز ايڏو ڦريل ڇو آهي؟“

گڏيل فون تان زنانو آواز آيو. ” اج ڪيئن منهنجي شاديءَ جي

وقت وارو نالو ياد آيو اٿو. ها مان ملائي اهيان, پر هينئر سڀ خوشيون نابود ٿيل سمجهيو. جلدي ۾ جلدي هليا اچو...... ”

” ڇو ڇا ٿيو آهي. ڪجهه ٻڌاءِ ته سهين.“

”ڇا ٻڌايانو. “ زنانو آواز هو, ”ڪڪي سخت بيمار آهي.“

”ڇا ٿيو اٿس؟ ..... ڇا ٿيو اٿس ٻڌائين ڇو نه ٿي؟ ڪارو منهن.“

هان... فون ڪٽ... ”هان ٻڌائين ڇو نه ٿي.“ هاڻي باس جو فون فقط منهنجي ئي لائين تي هو. مون چپ چاپ فون رکي ڇڏيو.

مسٽر انبواڻيءَ چيو, ”ملائي باس اهڙو ڇا ٻڌايو اٿيئي جو تنهنجو ته رنگ ئي اڏامي ويو آهي. “

مون غصي سان انبواڻيءَ طرف ڏٺو.

انبواڻي ويندي ويندي چوندو ويو, ”هو آفت آهي, پر تون به ته قيامت آهين.“

ٻئي ڏينهن ڏهين بجي ڏاري باس بئنڪاڪ مان موٽي ايئرپورٽ تان سڌو آفيس ۾ آيو. هڪ بئگ کولي سڀني ملازمن کي سوکڙيون ڏنائين. مونکي به ڏنائين.

باس مونکي ڪئبن ۾ گهرائي چيو, متان سمجهين مان تولاءِ فقط اهائي سوکڙي کڻي آيو آهيان, تو لاءِ ته آندو اٿم هي سڀ. ساڄي بئگ جي تري ۾ هڪ فلئپ هو, اهو کوليائين ته ڪيتريون مئگزنس هيون, جن جي مٿان وڏيءَ پرنٽ ۾ لکيل هو, ”سيڪس لٽريچر“

ڏاڍي معني ڀريءَ نهار سان مون طرف ڏسي چوڻ لڳو، ”اڄ رات هي سڀ پڙهي وٺج. سياڻي هونداسين بس تون ۽ مان. شاهي هوٽل جو شاندار ڪمرو...

”انڪل“ مون ذرا خارن ۾ چيو ۽ وچڻ لاءِ اٿي بيٺس.

”ڊيرڄ ڊيرڄ . “ هو منهنجي ٻانهن تي هٿ ڦيرڻ لڳو. ”ڏس ٻار نه بڻج، رڳو آتمڪ پيار سڀ ڪجهه نه ناهي ۽ مون نه توکي ايترو پيار ڪيو آهي جو پنهنجي گڏيءَ ڪي ٻئي جي ٻانهن ۾ وڃڻ برداشت ئي نه ڪري سگهندس.“

من ۾ آيو چوانس. ”راسڪل بدمعاش مونکان سال ٻه ننڍي نه پنهنجي ڌيءَ اٿيئي.“

اکين کي ”باهه ۽ پاڻي“ واهڻ کان صبر سان روڪي، سندس ڪئبن مان ٻاهر هلي آيس. نوڪري ڇڏڻ جي لاءِ خط ٽائيپ ڪري ٽڪڙو ٽڪڙو وجي ميز تي رکي، ڌڙام سان دروازو بند ڪري سڌي گهر هلي آيس.

پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ بدران، سڌو سروج جو وچي در کڙڪايم. کيس ڀاڪر پائي، خبر ناهي ڪيتري دير سڏڪندي رهيس. ”سروج تون سچي آهين، تون سچي آهين، انڪل ”راسڪل“ (بدمعاش) آهي.“

سروج پنهنيج ساڙهيءَ جي پلئه سان منهنجا ڳوڙها اگهڻ لڳي. ”انڪل نه راڪاس آهي پر تنهنجو ڊئبي ٻه نه بد دماغ آهي.“

# نئون زمانو

”چا پيو چوين تيرٿ. “

”سچ ٿو چوان ماسي، اها ليک ئي ڪين هئي منهنجي هٿ ۾ جيڪا پيار ڏيکاريندي آهي. “

”تون ائين متي نهاري، اڪين ۾ ڳوڙها پي پيو وجين.... مونکي تہ گهاۓ پيو پوي. “

تيرٿ ماسيءَ طرف ڏسندي ڦڪو ڦڪو مرڪي ڏنو.

”پٽ تون اهو جيڪو ڪوڙو ڪوڙو مرڪڻ جي ڪوشش پيوڪرين، اهو تہ پاڻ منهنجو هاڻۓ پيو وڍي. “

هاڻ ٿتي پيو تيرٿ. اڪين مان سندس زار زار آنسون پئي ڳڙيا. سڏڪا پريندي ٻانهن متي ڪٽي، نک وٽ آيل پاٽيءَ کي اگهڻ لڳو. تڏهن ماسيءَ ڪٽي سندس گلي ۾ ٻانهن وڌي، ”هيڏو خيال ڪبو آهي چا تيرٿ. “

”ڪيڏو نہ پيار ڪيومانس، پر سندس پيار مونسان ڪين هو شايد. نہ ائين ٻہ ڪين چئي سگهندس. ڏاڍو موهہ هوس مون ۾... ٻارن ۾... “

”پيار هوس کي نہ هوس. ماڻهو ڪڏهن ماڻهوءَ جو انت ڪو مشڪل لهي سگهندو آهي. “

تيرت اٿي وڃي گينديءَ وٽ منهن ڌوتو. وري واپس جڏهن ماسيءَ جي پرسان اچي ويٺو. تڏهن ڏٺائين تہ سندس پيڻ ريڪا بہ ڪنڌ هيٺ ڪيو ماسيءَ جي پير ۾ ويٺي آهي. ريڪا اڱر سان اک جو ڳوڙهو چنبي ڦٽو ڪيو. تڏهن ماسيءَ چيو. ”ڏيءُ توکي تہ گهڻو اڳ خبر پئجي ويئي هوندي تہ مڙسنهن جي پاڄاڻهن ۾ بري نظر آهي.“

ريڪا ڪنڌسان ”ها“ ڪئي.

”تہ ڏيءَ تون پاڻ کي آگاهہ تہ ڪرين ها نہ؟“

”هن کي بہ خبر هئي...“ هاڻي ريڪا بہ سڏڪا پرڻ لڳي.

”آن تيرت؟... جي ائين هو تہ تو جئڪيءَ کي گهر ۾ اچڻ کان منع چو ڪين ڪئي؟ خاص ڪري جڏهن هو ويو ٿي انگريز بڻجندو؟ جئڪرشن مان بدلائي پاڻکي جئڪي ڪيائين.“

درد پري نهار ڪٽي، تيرت چيو. ”اهي رشتا روڪڻ سان رڪبا آهن چا ماسي؟ پاڻ وڏيڪ گهرا ٿي ويندا آهن. “

”پليل آهين پٽ. تنهنجي چاچيءَ جي ڏيءَ ڏس. پاسي ۾ پنجابيءَ سان پريم ٿي ويس. پنجابي ٽن بارن جو پيءُ. چوڪريءَ کي تڪڙ ۾ گهر ڳولي شادي ڪرائي ڇڏيائون. هاڻي ڏس تہ ڪيئن پيئي پنهنجي مڙس سان نري. “

”ماسي اهو تہ سوچيو. جئڪيءَ کي گهر ۾ اچڻ کان روڪي مان پنهنجي نناڙيءَ پيڻ ريڪا سان ڪيڏي بي انصافي ڪريان ها...“ تيرت جو آواز نہ هو. جڻ ڪنهن غفا مان اهاءُ ٿي آيو. ريڪا جو هڪ ٿميل

سڏڪو اپرڪو ڪائي چپ ٿي ويو.

ماسيءَ چيو، ”سو ڇا ٿي پوي ها. ويتي هجي ها پنهنجي مڙس سان سکي. هينئر ته هن ويچاريءَ لاءِ به ڏکيا ڏيهن اچي ويا نه؟... پر منهنجي اها ڳالهه منديءَ تي ٽڪ ڄاڻج ته تنهنجي پتلي ڏاڍي دکي ٿيندي. ”

ماسيءَ کي ٻانهن کان جهلي تيرٿ چيو، ”اهڙي دعا نه ڪيو. پتليءَ جي هٿ ۾ شايد اهڙي ليڪ هئي جنهن ڪري ڪيس منهنجو به ارواح مليو ته جئڪيءَ جو به منجهس موهه وجي ڪتو...“

”تيرٿ پٽ، تنهنجي سادگيءَ تان ته مان گهوري وڃان. پر اهو ته سوچ اڄ تنهنجون ٻئي نياڻيون ڪيئن اڪلنديون؟ پڇي ويل ماءُ جون ڌيئر ته ڪنهن کي به وفادار ڪين لڳنديون. سيتا ماتا کي پلي راوڻ ڪٽي ويو، پر رام به ته هن کي وفادار نه سمجهيو نه. نه ته اهڙين حالتن ۾ ڪوئي گرپوتي استريءَ کي ڪڍي ڦٽو ڪندو آهي؟“

”ڇڏ ماسي، اڄ ته مان دک جي سرڪٽيءَ ۾ پاڻ کي پورو ڪري ڇڏيان ته به دنيا پرش جاتيءَ تان زال سان خراب هلڻ جو ٽڪو ڪانه لاهيندي.“

هاٺي ريڪا ڳالهايو، چوڻ لڳي، ”پائو مان ته برابر ائين ئي چوان جيڪر، ڇو ته منهنجو جئڪي سيني زالن سان ڏاڍو عزت سان هلندو آهي. هڪ مان ئي شاديءَ کان پوءِ سندس لاءِ بيوقوف عورت ٿي پيس... پر پيار ته سندس مونتي به گهٽ ڪين هو، رڳو چوندو هو: تون غصو ڏاڍو گهٽو ٿي ڪرين. مان به الائي ڇو اهڙي غصي واري ٿي پيس. پتلي پاپي ڏڻ تي جيڪي ٿول شيون موڪليندي هئي، اهي جڏهن جئڪيءَ کي ڏاڍي پيار سان هٿ ڇٽي ڪائيندو ڏسندي هئس، تڏهن تن

بدن ۾ آگ لڳي ويندي هئي. ڏوهه ته منهنجو ئي هو."

"ڪا ڇري ته ڪانه ٿي پيئي آهين ريڪا. " هر ڪا زال پنهنجي مڙس جي اک ٻيءَ ۾ سهي نه سگهندي آهي. ان ۾ تو ڪهڙو ڏوهه ڪيو..." ٿورو سوچي وري ماسيءَ چيو. "نه ڌيءَ مان پليس ڏوهه برابر تنهنجو هو. ڇو ته اسان نارين جي زندگيءَ ۾ جڏهن ارمانن جي جنگ لڳندي آهي. تڏهن اسان کي ئي تڪ تور ڪري هلڻو پوندو آهي. گهر جي آبرو بچائڻ لاءِ اندر هزار گهڻا ڪائڻا پوندا آهن. "

تيرٿ چيو. "ليڪن ماسي توهين ته مونکي به چئو ٿا تڪ تور ڪري هلڻ کپندو هوم. ان ۾ پرش ۽ استريءَ جي جنسي تور ته ڪائي پل ڪانه چئبي. مونکي ته ڪڏهن ڪين سجهيو ته فقط ڪم تان دير سان موٽڻ، هنکي ايڏو برو لڳندو."

ڊگهو ساهه کڻي ماسيءَ چيو. "هاڻي ته هو پکي ٻئي ويا اڏامي، هاڻي سوچڻو آهي توهان ٻنهي کي. حال فلحال ته ڪير به پڇي ته چئجو ٻاهر ويل آهن. ريڪا تون به پنهنجي گهر ۾ ئي وڃي رهه. اڪيلائيءَ لاءِ پاڙي اوڙي مان ڪا زال پاڻ وٽ سمهاريندي ڪج."

ڪوڙو کلي تيرٿ چيو. "ناتا به اهڙا آهن جو ڪورٽ ڪچهريءَ، طلاق ٻلاق جو ته سوال ئي نه ٿو اٿي. فقط ايترو ترسي ها منهنجي نياڻين جون شاديون ٿي وڃن ها..."

اوچتو ماسيءَ وٽي رڙ ڪئي، "تيرٿ پٽ اڪيون ته کول... مان ته ننهن چوٽي ڏکي ويئي آهيان. پٽ هوءَ ته عشق جي انڌي گهوڙي تي سوار آهي، تون ته نياڻين جي سوچ..... "

"آڙي ماسي اي اي" ذرا ڪڙو ٿي وينو تيرٿ، "مون پنهنجي

فئڪٽري هلائيندي اهڙا گهٽا قصا ٻڌسي ڇڏيا آهن. ٻهوجهہ زالون چالاڪ مردن جي ڄار ۾ اچي وينديون آهن...“

انهن ڏينهن ڪانپوءِ تار آئي، ” تيرٿ مون پنهنجي ڀل محسوس ڪئي آهي. واپس اچڻ ٿي چاهيان. “

تار ڪٽي تيرٿ ڪار کي ڊڪائيندو ماسيءَ جي گهر اچي پهتو. تار ڏيکاري چيائين، ”ماسي منهنجي تہ حالت اهڙي ٿي ويئي آهي جڻ غم ۽ خوشيءَ جي هڪ وڏي سمنڊ ۾ غوطا پيو کان. “

ماسي ڪا دير تہ تيرٿ جي منهن ۾ ئي نهاريندي رهي. ولولو سندس من ۾ بہ مچي ويو هو شايد، جو هر هر مرڪ ڪري ٿي پيس چپن مان، ڪاڏيءَ ۾ نستي سوچڻ جو وڪڙ پئجي ٿي ويس. آخر پڇيائين، ”تون ڪيس اچڻ ڏيندين گهر ۾؟“

تيرٿ جو اکيون پرپل هيون، ڪنڌ سان ها ڪيائين.

تڏهن وڏيون اکيون ڦاڙي ماسيءَ چيو، ”هان؟ مريادا پرشوتم رام وانگر جهنگل ۾ ڪونہ اڇليندينس؟“

ڪجهہ دير لاءِ تيرٿ وينو ڪجهہ سوچي رهيو هو. آخر چيائين، ”هڪ تہ رام مريادا پرشوتم هو، جو مان ڪين آهيان. مان تہ چوندو آهيان پيار ۾ پاڻ کهڙو. ٻيو تہ رامائڻ واري زماني کانپوءِ ڪا ترقي اسان انسانن ڪئي آهي ڪين نہ؟ جنگين وقت جيڪي زالون، ڇوڪريون زوريءَ پڄايون وڃن ٿيون، تن کي واپس ملڻ تي گهر ۾ اجهو نہ ملي تہ کهڙو حال ٿئي جيڪر سماج جو...“

پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ تيرٿ جو منهن جهلي سندس نراڙي چمي ماسيءَ چيو، ”الاجي ڪهڙا جادو وڌس جئڪيءَ جو ههڙي ڊول مڙس

ڪي چڙهي ويئي هئي..“

تيرٿ ڏنو ماسيءَ جي اکين مان ٽاهه ٽاهه ڳوڙها پئي ڳڙيا. تڏهن هٿ سڌو ڪري چيائين، ”پار ملڻ جي ليک ڏس ڪيڏي صاف آهي منهنجي هٿ ۾ الاجي ڇو تنهن ڏينهن ڏسي ڪين پئي سگهيس.“

ماسيءَ جي رنل منهن تي ٻيج جي چندرما جهڙي مرڪ جي ليک ايري. چوڻ لڳي، ”تون پتليءَ کي اهڙوئي پيار ڪري سگهندين، جهڙو اڳ ڪندو هئين؟“

”ماسي پيار جي سنسار ۾ رڳو ڏيڻ جو ئي سلسلو لڳيل آهي، وٺڻ جو حساب ئي ڪونهي. پتليءَ کي پيار ڪرڻ ۾ مونکي خوشي ٿي ملي. هن ۾ ڳڻ ڪهڙا آهن اوگڻ ڪهڙا آهن اهو سوچڻ وهندس ته پيار جو آبشار جڻ پٿر جي چپ وچ ۾ اچڻ تي ڇندا ڇندا ٿي ويندو.“

وڏيون وڏيون آليون اکيون ڦاڙي ماسيءَ تيرٿ طرف ڏٺو، کلي چيائين، ”اچي پتلي ته ڏسانس سندس هٿ ۾ پيار ملڻ جون گهٽيون ليڪون آهن. تنهنجي هٿ ۾ ته شايد پيار ڏيڻ جي ئي لنبي ليک ڏنل آهي. “

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن پتلي سفر ڪري گهر موٽي، تڏهن تيرٿ کي پاسيرو وٺي ماسيءَ چيو، ”مونکي ته عجب ٿو لڳي تنهنجي ڪنوار ته ڪجهه سمجهيئي ڪانه پيئي. هيڏو ٽڪو لڳو آهي مٿس، ”پيجي وڃڻ“ جو ته ٻه وينئي کلي خوش ٿئي، نود آهي ڪا؟“

تيرٿ وڏو ٺهڪ ڏيئي کليو ۽ سڏ ڪيائين پتليءَ کي. ماسي چپ تي آڱر رکيو وائڙي ٿي ڏسڻ لڳي.

تيرٿ چيو، ”هاڻي پتلي لاهه پنهنجي ماسيءَ جي دل تان پرمه. “

پتلي مرڪندي ماسيءَ جي منهن ۾ ڏسندي رهي. تڏهن ماسيءَ چيو، ”ڪهڙو پرم؟“

پتليءَ کلي چيو، ”اهو پرم تہ مان پنهنجي راجا صاحب ڪي ڇڏي، جئڪيءَ سان پڇي ويئي هئس. “

ماسيءَ سوچ پريون اکيون کڻي چيو، ”پڇي نہ ويئي هئينءَ ؟“

پتليءَ تيرٽ طرف ٿيڏي اک سان ڏسندي چيو، ”هنکي شاک ڏيڻو هو مونکي. “

”ڇو؟“ ڏاڍي اتاولائي سان ماسيءَ پڇيو.

”ماسي رڳو ڪم، رڳو ڪم، آخر جيوت بہ ڪا چيز آهي ڪين نہ. گهمڻ ويندو تہ دوستن سان، ڇو مان نٿي گهمي سگهان؟ گهر ۾ ايندو تہ بزنيس جا فائيل، ڇو گهر ۾ ٽيئرن سان ڪلڻ ڳالهائڻ بزنيس کان وڌيڪ اهم چيز ناهي؟ ساڳيو هاٽي سپ ٻڌي ٿو، نہ تہ ڌيان ئي ڪين ڏيندو هو. “

پتليءَ جي هٿ تي ٿڪ نڪائي کلندي ماسيءَ چيو، ”ڇوري تون بنهہ استاد نڪتينءَ. پلا هي جو تنهنجي نران بہ سمجهي ٿي تہ جئڪي تو لاءِ مري ٿو سا ڳالهہ ڪيئن آهي؟“

پتليءَ چيو، ”ماسي جئڪيءَ سان آهي سڪا پريم. اهو پريم بہ آدم جڳاد کان دنيا ۾ هلندو آيو آهي. پر مون جهڙي سڄاڻ زال ان تان پتي پريم ڪڏهن ڪين قربان ڪندي“

تڏهن ماسي گهر وڃڻ لاءِ اٿي کڙي ٿي. ڊگهو ساهہ کڻي چيائين، ”شل سکيا هجو. پر ڇوڪري حال تہ وڏو خطرو ملهہ ڳنهي ورتو هو، ٻچي ويئي آهين جو نئون زمانو آهي. رامچندر جي راڄ وارو زمانو ڪونهي“

تنهن کان تہ ڏيکاريون ٿي نہ ها

نئنا جي ديدي شادي ڪري اجمير هلي ويئي تہ نئنا جي دل ۾ اڪيلائي ۽ اباڻڪائي اصل ڏوڪي آيون. ديولاليءَ جهڙي ننڍي شگهر ۾ اسڪول مان پڙهي موٽڻ ڪان پوءِ بہ ڪيترائي ڪلاڪ ملندا هئس واندڪائيءَ جا, تڏهن گڏيون اڳڙا ۽ ڪافور جون ڏالس ڪنيون ويٺي کيليندي هئي.

ديدي نيٺ ڏيڍ سال ڪانپوءِ مس مس پيڪن ۾ ٽڪڻ آئي. هن پيري جاڙا بار ڪڪو ۽ ڪڪي بہ ڪٺي آئي. نئنا ڪان گڏا گڏيون ئي وسري ويا. بار وري اهڙا ڪلٽا سنا هئا جو نئنا ماءُ کي چيو, "ڏسجانءِ ويهي ممي مان ديديءَ کي هي گڏو گڏي واپس ڪٺي وڃڻ اصل ڪانہ ڏينديسانءِ."

ديديءَ چيو, "هيءَ ڏس چري, هنن گڏي گڏيءَ لاءِ تہ منهنجي سس سهري, پٽ کي ننڍيءَ عمر ۾ شادي ڪرائي آهي. ويهن سالن ڪانپوءِ سندن گهر ۾ وري ڪو بار جائو آهي."

نئنا وجي ماءُ جو پلئہ پڪڙيو, "ڪيئن بہ مونکي ديديءَ جهڙا گڏو گڏي کپن."

تڏهن پڦيءَ نئنا جو ڳل پٽي چيو, "تہ پلا هاڻي ڳوليان تنهنجي لاءِ بہ گهوٽ. "

نئنا وجي پيءُ جو پاسو ورتو چيائين, "پپا توهين منهنجي هڪڙي ڳالهہ مجندا؟"

پپا جي پلا هئي لاڏلي ڌيءَ, تنهن چيس, "هڪ چو, پلي بہ ڳالهيون چئہ, چو نہ مجيندس."

نئنا ڏسٽي آگر ڪولي چيو, "هڪ ڳالهہ, مونکي ديديءَ وانگر

شادي ڪرايو..؟

پپا ڪل روڪي چيو, ”پر ڇو؟ ڪهڙي تڪڙ آهي. “

”ٻي ڳالهه ؟ وچين آڱر ڪولي نئنا چيو, ”مونکي ديديءَ جي ٻارن جهڙا گڏو گڏي کپن؟

پپا نئنا کي ٻانهن کان ڇڪيندو مميءَ ۽ ديديءَ وٽ وٺي آيو. پنهنجي کل دٻائي چيائين, ”پڇوس ڇا ٿي چوي؟“

نئنا ديديءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهن ورائي سندس ڪن پنهنجي وات وٽ آڻي چيو, ”ٻڌ ديدي مونکي تو جهرو گڏوگڏي کيئن بہ کپي. تون ڪهڙو بہ گهوٽ مون کي ڳولي ڏي مان شادي ڪنديس؟

ديدي کل ۾ ٻيڻي ٿي ويئي. چيائين, ”مون ڪونہ سمجهيو تہ تون اجا ههڙي پوڪ بصر هوندينءَ. “

مگر نئنا کي ڪنهنجي پرواهہ ڪين هئي. بس گڏو گڏي کپي پوءِ انهي لاءِ شادي بہ ڇو نہ ڪٽي ڪرڻي پوي.

ولائت کان ڪو ماسات نئنا جن جي گهر ۾ اچي لٿو شادي رچائڻ لاءِ.

نئنا جهٽ وڃي پڦيءَ کي ڪن ۾ چيو, ”تون پپا کي چئہ هن سان ڪٽي شادي ڪرائي مونکي؟

پڦيءَ نئنا جا ٻئي ڳٽ ڪٽي چمونڻ ۾ پڪڙيا ۽ لڳي کلڻ چيائين, ”اٺ پنيان گهنڊ تي سو لڳنديںءَ؟

ٻئي ڏينهن نئنا جي مميءَ مهراج کي مهمان جون چنيون ويني ڏيکاريون تہ شاديءَ جو يوگ بينو اٿس ڪين نہ. هاڻي نئنا وٺي ماءُ سان ضد ڪيو تہ منهنجون بہ چنيون ڏيکار مهراج کي.

مهراج مهمان جو يوڳ تہ جلدي ٻڌايو پر جڏهن نئنا جون چنيون ڏنائين تڏهن ڊڪر چڙهي ويس. الاجي ڇا ڪجهہ نئنا جي مميءَ کي ٻڌايائين جو ان جي بہ ساڳي حالت ٿي وئي. نئنا ماءُ جي ڳلي ۾ لٽڪي چيو، "ٻڌاءِ نہ ممي ڪڏهن آهي منهنجي شاديءَ جو لڳن؟"

ماءُ نئنا جي مٿي تي هٿ ڦيرائي ٻچڪارڏيئي چيو، "تون ڏس اجا آهين ڪيڏڙي؟ مهراج چوي ٿو وڏي ٿئي تہ پوءِ ٻڌائيندس."

پر مميءَ اهو ڪوڙ ڳالهايو هو، ڇو تہ پوئين صبح جو نئنا سوڙ اندر جاڳندي ٻڌو، سندس ممي پپا کي چئي رهي هئي، "هيڏانهن اسان جي ڌيءَ کي تہ ڏسو ڇا پئي ڪري؟ روز پئي پيٽ کان پڇي، پلا هي ڇوڪرو ڪيئن لڳندو؟ پلا ڦلاڻو ڇوڪرو توکي مون لاءِ پسند آهي؟ مان تہ رڳو پيئي سندس منهن ۾ نهاريان. ڪيئن ٻڌايانس تہ مهاراج چوي ٿو، شادي هنجي نصيب ۾ ئي ڪينهي."

نئنا جو تہ رڳو منهن سوڙ جي اندر هو، ڪن تہ ٻاهر ڪيو سڀ ڪجهہ ٻڌي رهي هئي سو سوڙ اڇلي ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙي ٿي. وڃي پيءُ کي ٻاڪي پائي ضد ڪرڻ ويني، "تہ پپا مهراج ڪوڙو آهي مان شادي ضرور ڪنديس."

بابل سندس مٿي تي هٿ ڦيرائي چيو، "ڇو نہ ڪندو منهنجو گل پٽ شادي، پر ٻچا ارڙهين سالين کان اڳ شادي ڪرائڻ سرڪاري ڏوهہ آهي. " ڳل تي هٿ رکي ويهي رهي هئنا.

آخر پنج سال بہ گذريا، پر ڏاڍو ڏيري ڏيري گذريا. نئنا هاڻ چڱي سمجهو ٿي وئي هئي. ديديءَ گهوٽ سان وڃي گڏ سينگاپور وسائي هئي. هڪ ڏينهن هڪ جوان ڇوڪرو ديديءَ وٽان پارسل کڻي آيو. هڪ سهڻو ميڪ اپ سيٽ هو. ڇوڪر چيو، "ديديءَ چيو آهي، هيءُ سيٽ

منهنجي پيڻ نئنا کي هٿ ۾ وجي ڏج. "

سيٺ وڻندي جو نئنا چوکر جي منهن ۾ ڏٺو. ته مورت ڇپجي ويئي سندس من ۾. سنئين سينڌ، گهنگهرالو گهاٽا وار، صاف ڏاڙهي لٽل چهرو، سڀ کان سهڻيون هيون سندس کڙيل سورج مکي گلن جهڙيون اکيون. جن سان نئنا جي اکين ۾ سڌو نهاري چيائين، "ديديءَ کي لکج ته منهنجي هٿ ۾ ڏنائين سيٺ. "

سيٺ وٺي نئنا اکيون ئي بند ڪري ڇڏيون. ٽڙندي ٽاٻڙندي ڪنهن طرح پنهنجي ڪمري ۾ پهتي. اکيون کڻي کوليائين ته هر هنڌ اهي نيڻ پيا نظر اچنس. دل ۾ چيائين، "ظلم ٿيو. "

نئنا جو ڊئڊي بازار مان فروٽ وغيره وٺي موٽيو هو. نئنا کي سڏي ڏاڍي اتساهه سان مهمان لاءِ ڪجهه ڪپي ٿاهي کڻي اچڻ لاءِ چيائين. مگر اتيئي ڪجهه ياد اچي ويس ۽ سندس اتساهه گم ٿي ويو. نئنا ٻه پهرين ته ڪجهه دير ڊريسنگ ٽيبل وٽ ائين بيٺي رهي جڻ پٿر جي مورتي هئي.

ٻئي ڏينهن پڦيءَ اچي نئنا جي مميءَ کي چيو، "هٿ ته کول" ۽ يڪدم سندس هٿ مٿان تاڙي وڄائي چيائين، "ڪلهه جيڪو ڇوڪرو ساجن، تو وٽ نئنا لاءِ پارسل کڻي آيو هو، انهيءَ کي نئنا پسند آهي. بس هفتي ۾ شادي ڪري ڇوڪريءَ کي سينگاپور وٺي ويندو."

نئنا ڪان تڪڙ ۾ نڪري ويو، "۽ هني مون؟"

پڦيءَ اکين جا دوڏا ڦاڙي چيو، "توهان کي ته ڪو مالڪ سمجهائي. ڏيتي ليتيءَ جي ٻه ٻول ڪانهي، اجا مٿان ڪپيوَ هني مون. "

نئنا جي ته دل ۾ دهل ٿي وڄيا، پڦيءَ جا ٻئي هٿ پڪڙي

چيائين، ”ساري ساري، دادي ساري.“

ساجن جي ماءُ پيءُ تہ نئنا کي اڳيئي ڏسي ڇڏيو هو. بس ساجن جي اچڻ جي دير هئي. سو ٻن ڏينهن کانپوءِ مڱڻو ٿيندو. هفتي کانپوءِ شادي. ليڪن مڱڻي جي منڊي جو نئنا جي نصيب ۾ ڪانہ هئي، سو مڱڻي ڏينهن صبح صبح پڪي سهڪندي آئي. چيائين، ” ساجن جي پيءُ کي ساجن جو سيٺ اچي لڳو آهي تہ ساجن سندس ڌيءَ سان شادي ڪري... “

”اڙي اها تہ ساجن کان ٻہ ٽي سال وڏي آهي. “ پپا چيو.

داديءَ چيو، ”پر ڇوڪري کي پنهنجي نوڪريءَ جو ٻہ تہ خيال رکڻو آهي.“

تڏهن نئنا جي پپا هٿ ڇنڊي چيو، ”خير سويل ئي بچي وياسين، هي ڇوڪرو تہ شادي نہ، سودي بازي ڪرڻ وارن مان ڇئبو.“

نئنا تہ خبر ٻڌي وسامي ويئي. ساجن جي گهنگهرالو ڪارن وارن وارو آڪار جو سندس ڇاتي اندر اڪرجي ويو هو، انکي ويٺي ڏوراپا ڏيڻ.

ماءُ اچي نئنا جي مٿي تي هٿ رکيو چيائين، ”مائٽين واريءَ کي ڇوائي تي موڪليان. ڏسج تنهنجي لاءِ ڪهڙو نہ اڇو ڇوڪرو ٿي ڪڍي اچي.“

مگر ٿيو ائين جو مائٽين واري جيڪا مائٽي ڪڍي آئي اهو ڇوڪرو بلڪل ڏيڍ اڪ هو.

نئنا جي ماءُ چيس، ”گرياڻي منهنجي سون جهڙيءَ ڌيءَ لاءِ پلا وڏ وارو ڇوڪرو ڇو ڪڍي آئي آهين؟“

گرياڻيءَ ڏاڍي تپرس مان چيو، ”آئي تون ڇوڪري جي عيب جي ڳالهہ ٿي ڏسين. گهر تہ ڏس اصل لکن ٿي وڃي ليٽندي...“

نئنا کان کل نکري ويئي. گرياڻيءَ ڇڇيو، ”کلين ڇو ٿي؟“

نئنا سهمجي ويئي. اکيون هيٺ ڪري چيائين، ”اسان جي پاڙي ۾ هڪ شاهوڪار گهر تي پوليس جي ريڊ پيئي. انهن جي بلئڪ جو ناڻو برابر سندن پلنگن جي گاديلن مان نڪتو، جن تي هو ليٽندا هئا. “

تڏهن بابس بہ کلي کٽي گرياڻيءَ کي هٿ جوڙيا. چيائين، ”وڏو گهر کپيئي ڪونہ، جو اسانکي گهٽ نظر سان ڏسي. پوءِ ڍاوا ڪيئن پنهنجي نهرن کي احساس ڪمتري ڏياري ڏنگيندا آهن، سو سڀ ڏسي چڪا آهيون.“

گرياڻي تہ هلي ويئي. نئنا سوچڻ لڳي آخر هيءُ مائٽي نهڻ جو سچ وري ڪڏهن اپرندو جڏهن مان ساهيڙين کي شاديءَ تي اچڻ لاءِ نوتو ڏيئي سگهنديس.

شڪر اهو ڏينهن جلدي پهچي ويو. گهوٽيتن مگڻي جي گهر ڪئي تڪڙي. نئنا جي ماءُ پيءُ جو منهن لٿل هو. پاڙ ۾ سس پس پئي ڪيائون، ”جڏهن ڇوڪريءَ جي نصيب ۾ شادي لکيل ئي ڪانهي تڏهن مگڻو ڪري بہ ڇا ڪبو.“ ليڪن ڏٺي مک ڳيهڻ بہ ڏاڍي مشڪل ڳالهہ هئي. آخر مگڻو بہ ٿي ويو تہ شاديءَ جو ڏينهن بہ اچي پهتو. صبح ساڻ نئنا جي ماءُ شينات جيءَ جون ڳنديون پئي ٻڌيون. پيءُ ڏاڍي چنتا ۾ ٻڏل هو. چيائين، ”نئنا ڌيءَ اسان قسمت خلاف کهاڙي ڪنئين آهي. “ نئنا جي دل بہ دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. شاديءَ جون گهڻيون رسمون تہ پوريون ٿي چڪيون هيون. نوگرهي گهري ٻکي بہ ٿي ويئي. نئنا جي ديدي پڦي وغيره ڏاجو ساهري گهر پهچائي آيون. مگر سس پس ۾ ڳالهہ پسرڻ

لڳي تہ گھوٽ راجا پڄي ويو آهي.

اچانڪ نئنا جي هٿ ۾ هڪ چٺي اچي پيئي. لکيل هو:

”نئنا ديوي مونکي معاف ڪج. هن وقت هيءَ شاديءَ مان نٿو ڪري سگهان. منهنجي چاچي جا مونتي لک احسان آهن, پر منهنجي مرضيءَ خلاف شاديءَ جو ايڏو اڊمبر ڪيو ويو آهي جو مان احسانن هيٺيان دٻجي مرڻ لڳو آهيان. ٻن سالن ۾ ايترو ڪجھہ ضرور ڪمائي ايندس, جو توکي سکي رکي سگهان. ان وچ ۾ ڪو مونکان وڌيڪ لائق ور پائين تہ پلي هلي وڃج. مان ڪو بہ ٻنڌن نٿو وجهڻ چاهيان توتي...“

ماءُ تہ چٺي ٻڌي بيهوش ٿي ويئي.

نئنا جون اکيون کلي ويئون. ماءُ کي چيائين, ”شادي شادي شادي– الاجي ڪهڙي مايا جار ۾ اچي پيئي آهيان. ان کان تہ ڪا ڊاڪٽر يا پروفيسر ٿيان ها تہ چڱو هو. “

گرياڻيءَ ٻوڪ ڦاڙي چيو, ”ڪرن ڪراون آپي آپ“ سو ڪير ٿو اڄ ڪرمن جي لڪئي کي مٽي. شادي ٿي ويئي تہ چئبو ڇوڪريءَ جي ڪرمن ۾ اهو ئي مڙس لکيل هو جي وري طلاق ٿي ويئي تہ چوندا... ڇا چوندا ٿڏهن؟ سنڌ ۾ ڇوڪرين جو لکيو 5 سالن جي عمر ۾ کلندو هو, هاڻي پنجويهن سالن ۾ بہ نٿو کلي – مطلب؟... اجايون آهن سڀ ڳالهيون. اگر جي ڳجهن جي ڪل جو تشين کي بہ پوري ڪانهي. ههڙي سٺي سهڻي ڇوڪري, انهن ڇريائيءَ جي خيالن سبب گهر ۾ وهاري ڇڏي ڇا؟“

مگر نئنا جا ماءُ پيءُ اصل ننو اکر واري ويٺا.

رکي رکي آخر گرياڻيءَ چيو، ”پلا هڪ ڪم ڪندا، منهنجي ڪالوني وارا منهنجو مٿو کائي ويا آهن ته ڪا سٺي ماسترياڻي آڻي ڏي، جيڪا ڪالونيءَ جي ٻارن کي سنڌي لکڻ پڙهڻ سيکاري... “

پيءُ نئنا کي سڏ ڪري گرياڻيءَ واري ڳالهه ٻڌائي. نئنا يڪدم هائو ڪئي. ماءُ به چيو، ”جڏهن شادي به لڪيل ناهي. ته پلي وڃي ڇوڪري سڪرت جا ڪم ڪري. “

مگر ٿيو ائين، جو نئنا گرياڻيءَ واريءَ ڪالونيءَ ۾ سنڌي پڙهائڻ شروع مس ڪئي ته گرياڻيءَ وٽ نئنا لاءِ ٻه چار مائٽيون اچي ويئون. آخر هڪ ڏينهن گرياڻي نانڪ کي ۽ سندس ماءُ پيءُ کي سڏو نئنا جي گهر وٺي آئي. چي، ” ڏسو پائي هي نانڪ جا ماءُ پيءُ اچي پٺيان پيا اٿم ته نئنا جهڙي آدرشي ڇوڪري، اسان کي ڪيئن به وٺي ڏي..“

نئنا جا ماءُ پيءُ ته نانڪ تي موهت ٿي پيا ڇو ته جهڙي هئي نانڪ جي سونهن سوڀيا، تهڙو هوس سڀاءُ. مگر ڪين گرهن جا هٿ لڳل هئا، سو ڏاڍي آنا ڪاني ڪيائون. ليڪن هيڏانهن ڇوڪري وارا به سڀ ڳالهيون گرياڻيءَ وٽان ٻڌي چڪا هئا. انڪري اصل تياري ڪري آيا هئا. منڊي به ساڻ آندي هئائون. نانڪ نئنا کي منڊي پائي ته نئنا به ٿڙي پيئي. نانڪ جي ماءُ ڪيس گلي لائي چيو، ”اڄ کان وٺي هيءَ منهنجي ننهن آهي“ گلي مان سوني زنجير لاهي ڪٽي نئنا کي پاتائين. ٻن ڏينهن ۾ باقاعدي شادي به ٿي گذري.

سڪ سان نئنا گهوٽ سوڌي پيڪن ۾ ستا وارو ڪرڻ آئي. پيءُ کي ڪلي چيائين، ” پپا ڪيترو ڏک ڏنو جنم پتريءَ؟ انکان ته ڏيکاريون ئي نه ها. “

# وچ ڏاکڻ تي

سهيليءَ چيو، ”تون جيڪر ڪيس روڪين ها انوُ. “ انيلا جي چپن تي مرڪ هئي ارمان ڀري.

سهيليءَ چيو، ”تون جيڪر ڪيس هڪ لفظ بہ چئين ها تہ هو شادي اصل نہ ڪري ها. “

انوءَ جو سارو وجود ارمان ڀري ڪل جو مجسمو بڻجي پيو. چيائين، ”ڳهيلي آهين تون، اگر ڪنهنجو من ڪنهن تي اچي ٿو وڃي تہ ان کي ٻيا سڀ گل، ڪندا ٽا ڀاسن؟

سهيليءَ چيو، ”هاڻ تہ هو تو لاءِ اچي پريشان ٿيو آهي. شاديءَ کي تہ اجا بہ سال مس ٿيا اٿس. هو چاهي ٿو تون فون تي ساڻس ڳالهاءِ، ڪٿ نہ ڪندي ڪر سندس فون. “

”فون تي تہ چا، اگر رستي تي منهان منهن گڏجي وڃي تہ بہ نہ ڳالهائيندي سانس. ساجن خود ڇڏي ويو هو مونکي، مون نہ ڇڏيو هو ڪيس. “

سهيلي سوچ ۾ ٻيٺي رهي دريءَ کي ٽيڪ ڏيئي، انو هاڻ ڪرسيءَ تي ويهي نہ سگهي. ڏاڍي بي آرامي سان اٿي ڪڙي ٿي ۽ هال ۾ اچ وڃ ڪرڻ لڳي.

سهيلي دريءَ جي ٻني تي چڙهي ويٺي. ڪجھ وقت دريءَ کان ٻاهر بہ ڏسندي رهي، پوءِ ٻانهون ٻڌي اچ وڃ ڪندڙ انوءَ کي يڪ ٽڪ نهاريندي رهي. آخر چيائين، ”ساجن سان ملڻ لاءِ تڙقي تہ تون بہ رهي آهين؟

”مان “نہ“ ڪتي ٿي چوان. پر مان سندس گهر ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهيان... تو وانگر. “

”مون وانگر؟ ڇا مطلب؟..“ سهيليءَ جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. تيز ٿي چيائين، ”ڇا مان پريتم جو گهر ڇڏڻ لاءِ هنسان گڏجڻ ٿي چاهيان؟“

”تون چاهين نہ چاهين پر تون پريتم سان گڏ ج سهين. پوءِ ڏسج ڪيئن ٿو سندس گهر ڇڏي؟“

سهيلي اکيون ڦاڙي انوءَ طرف ڏسڻ لڳي، ”ڇو ڇڏيندو پريتم جو گهر؟ هو تہ زال کي، ڏيءَ کي بي انداز پيار ڪندو آهي.“

ننولي ڪندي انوءَ چيو، ”پر توکي وسارڻ نہ کپي تہ هوءَ سندس زال آهي ۽ تون سندس سهيلي. “

”سو ڇا؟“

”سو ڇا نہ ڇئہ. پرش هردو بٽيل ئي اهڙيءَ ڪنهن مٽيءَ جو آهي جو هنکي پنهنجي زال کان وڌ ڌاري پيار ڪندڙ عورت خوب وڻندي آهي. بس مچلجي پوندو آهي ڌاريءَ عورت جي پيار تي..“

” پريتم اهڙن مچلجندڙ مردن مان ڪونهي... “

”تون اگر چوڻ لڳين تہ برف ڪڏهن تو َتي نہ رجندي آهي تہ مان توکي مڃيندس. پر چوندينءَ مرد زال کي ساهيڙيءَ کان وڌ چاهي ٿو. تہ مان نہ مڃيندس.“

”مطلب ڳالهہ جو تہ، تنهنجو صاف جواب آهي تہ تون ساجن کي فون ڪونہ ڪندينءَ؟... هو ويچارو ڪتان چلي ڪري مون وٽ آيو هو.“

”نہ، چيم تہ نہ. “

”مگر تنهنجي هن آنڌ مانڌ کي ڏسي مونکي هو ناٽڪ پريمي ٿو ياد اچي، جيڪو ٽڪيٽ جا پئسا نہ هجڻ سبب ناٽڪ بہ نہ ڏسي سگهندو آهي، پر ناٽڪ پورو ٿئي، اوستائين گهر بہ نہ وڃي سگهندو آهي... بس ڏاڪڻ تي ئي ويٺو رهندو آهي. “

”جئن بہ سمجھ تون. “ چوندي انو دروازو زور سان بند ڪندي ٻاهر نڪري ويئي.

ان رات انو دير تائين ڊائري لکندي رهي.

”سهيليءَ اڄ ڪهڙي نہ تو تشبيهہ ڏني آهي منهنجيءَ حالت کي، ”ڏاڪڻ تي ويٺل..“ شڪر، ترشنڪو نہ ڪونيائين. سومنات جو بت ڪوني سگهي ٿي جنهن کي ماڻهو حيرانيءَ جي حد تائين پوڄيندا هئا. پر محمد غزنويءَ جڏهن ري ٽيپي ري ٽوٽيءَ، بيٺل پڳوان جا پول ٽڪرا ڪري وڌا... لوھ جي شيخ تي ٽهيل سومنات جي مورتيءَ جا ٽڪني پٿين مان چقمق ڪڍي ڦٽا ڪيا، تڏهن ماڻهن کي اها مورتي پٽ تي ڪريل ڏسي سياري جي سياٽ ڪان گهٽو وڌو سياٽ پيو هوندو ۽ مان سومنات جي بت جهڙي لوهي شيخ جي ٽهيل ”مان“، جڏهن لڙي پيئي هئس ساجن طرف، تڏهن بہ شايد اسانجي رام ليلا واريءَ ٽوليءَ ۾ سياٽ پيو هوندو... منهنجي هستيءَ واري چوڪري جيڪا ڪنهن کي پنهنجو پلئہ نہ ڇهڻ ڏئي، سا ڪلي عام، ساجن سان سٽجي ٿي ويٺي. آهہ اها تن اندر وڪڙ وجهندڙ چقمق جي پڪڙ. ڪهڙي عجيب هئي اها ڪشش. هائي ڇو اڄ ڇا مري ويئي آهي؟

ڊائري لکڻ اڌ ۾ ڇڏي، انو اتي ڪمري ۾ اچ وڃ ڪرڻ لڳي... ساجن پاڻ هن مهل بہ هتي اچي نڪري ۽ ٻڌائي، تہ سندس ٻار جي ماءُ

گذاري ويئي آهي. ته مان شايد ول جيان ڪيس گهيري وجهان...

از خود انوءَ جو هٿ پنهنجين اکين طرف ڪجي ويو. آڱرين تي آلاڻ ڏسي ڪيس ڪس اچي ويئي. ”ڪهڙي چريائي پيئي سوچيان؟ ڇا هي مان آهيان انو؟“

انو اٿي وڃي ڊريسنگ ٽيبل جي آرسيءَ وٽ بيٺي. اکين هيٺان ڪاراڻ ڪي آڱر سان ڇهي ڏٺائين. ”اوهه“ سندس ڊبيل آهه آرسيءَ تي پگهر جو نشان ڪري ڇڏيو....

انو آرسيءَ ڪان ائين هٽي ڄڻ پنهنجي عڪس ڪان پاڻ ڇنايائين. وري وڃي ڊريسنگ ٽيبل وٽ ڊائري لکڻ ويٺي. ”اکين وٽ ڪارا نشان آهن ڪيئن چوان ته اهي پوڙهپ دکن جا آهن؟... نه ماٽيل سک جا به تي سگهندا آهن... سهيليءَ ته ائين ئي ٿي چيو، ساجن سک ته برابر ايترو ڏنو جو مان ته سمجهندي هيس هاڻي منهنجا اڳين جنمن جا خراب ڪرم ڪٽجي چڪا، هاڻ سکن جا ڏينهن زندگيءَ جي آخر تائين هلندا...

ليڪن مونکي خبر ئي ڪانه هئي ته سک پاڻ دک ڪان به وڌيڪ ترڪٽو عاشق نڪرندو. ساجن ڪيڏو سک ڏنو منهنجو انگ انگ ٺاري ڇڏيائين. سڄي سرير تي سک جا نشان هٽي ڇڏيائين. ڪا جاءِ نه ڇڏي هئائين ۽ هڪ ڏينهن اچانڪ سک جي گهڙيءَ جو سماءُ وڻندي چوي ٿو، ”انو دل ٿيندي آهي هڪ اهڙو سرير ڏسان جنهن جو آڪار توڪان به نئيو هجي.“

ان مهل مونکي لڳو مان سڄي ٿڌي ٿي ويئي آهيان. ڪائي برف جي ڇپ منهنجي مٿان ڪري پيئي آهي. منهنجا من، ساجن سان جدائي حقيقت ۾ ان ويل شروع ٿي هئي. شايد اها بي ترتيب جيوت جا اسان اڪيلي ڏورانهين مڪان ۾ رهندي شروع ڪئي هئي، اها ئي اهڙيءَ

ڳالھ لاءِ جوابدار هئي.

ڏينهن رات مهل ڪمهل اسان پکين وانگر پيار تي وندبيو. ايڏي تيز رفتار پيار جي نديءَ ڏيري وهي آس پاس ڪي آباد ڪين ڪيو پر چوھ مان مٿن مائٽن جي ننگ ناموس جهڙا قيمتي وڻ فصل سڀ لوڙهي ويئي.

چو سمجهيو مون سيني ڪي حقير. ڪيڏو انڌ ويڙهي ويو هو مونکي. ڪنهنجي پرواھ ڪين تي ڪيم. چيم نہ منهنجي زندگي ان مهل هڪ ندي هئي، جا جهرڻي جي رفتار سان پئي وهي... ۽ جبلن تان ڪري هيٺ ڏون وجي نڪاءِ ڪيائين. تڏهن اتي پيو چندن جي ڏونئاڏار جو پورو سنسار.

جنهن ڏينهن ساجن اچي چيو، ”انو مون ڪي چوڪري ڏسڻ لاءِ ڏاڍو ضد ڪيو مائٽن. “

”تہ ڏسي آئين؟“ مون چيو.

”هائو. “

”ڪيئن هئي؟“

”چڱي هئي. “

”وٺي توکي؟“

”ها سٺي آهي. “

”تہ. “

”تہ ڇا؟“

”ڪجھ نہ. “ مان وڏيڪ پاڻ جهلي نہ سگهيس اتي ڪڙي ٿيس.

”مونکي مٿي ۾ سور آهي.“

اڙي، هي ڇا؟ ساجن؟ ساجن جيڪو منهنجي مٿي جو سور ٻڌي مونکي گود ۾ ليٽائي پيار سان پري ڇڏيندو هو، جيڪو منهنجو سر دٻائي بام مکي ڪيئن بہ مونکي ٺيڪ ڪرڻ بنا الڳ نہ ٿيندو هو، سو بس ”سور لهيئي تہ وري ايندس“ چئي هليو ويو. ۽ مان انڌيءَ جيان سندس هٿن کي منهن مٿي تي ڳوليندي رهيس... ڪهڙو آهي هي پرش جاتيءَ جو نندي آڪار لاءِ عشق منشتا جا سڀ ڏاڪا هڪ ڪن ۾ لهيو وجيو هيٺ پهچي.

هينياهين ڏي هلندڙ ساجن پلجي بہ نہ سوچجانءِ تہ انو هاڻي توکي فون ڪندي. انو توکي آڪاس سمجهي توسان پيار ڪيو هو... مونکي اها خبر ڪانہ هئي تہ حقيقت ۾ تون آهين ڪني پاڻيءَ جون دٻو، جنهن ۾ آڪاس جو فقط عڪس ڏنو هو مون...

اف سهيلي. سهيلي تو ساجن طرف مونکي همدرد بنائڻ لاءِ ڪهڙا نہ ستا ڦٽ اڪيلي ڇڏيا آهن.

سهيلي توکي ڪهڙي خبر ”هيءَ آهي اها انو، جنهن کي ”ساجن ڇڏي ڏنو“ اهڙن لفظن جي لعنت مون ڪيئن سني آهي. گهر ڪان گهٽيءَ تائين نڪرڻ بہ محال ٿي پيو هو. مون لاءِ شڪر جو وقت سر نندِيءَ پيڻ مدد ڪئي. چيائين، ”ڇڏي هو ويو آهي توکي، بيوفا هو ٿيو آهي، تہ دنيا جا سچار ماڻهو لعنت هنتي وجهندا... “

پيڻ کي ڳراهڻڙي پائي چيم، ”نندني ڪيڏي وڏي سچ تي پيئي آهي تنهنجي نظر، منهنجي تہ من اندر هزارين بلب ٻري پيا آهن. روشن ٿي پيو آهي منهنجو من..“

سهيلي اها منهنجي پيڻ ائين نہ چوي ها تہ شايد مان وري سنئين لڳين گهمي ڪين سگهان ها.

اڄي من ڊائريءَ جي ورقن ۾ بس توڪانسواءِ ڪوئي ڪونهي پنهنجو. تنهنجي اڳيان ڪهڙو پردو. ٻڌ هي ناريءَ جو من آهي نہ منهنجو، شايد ڪن جهونن سنسڪارن جو نهيل آهي يا ناري جاتي بس اهڙي ئي هوندي آهي. نہ تہ وري وري ڇو پڪاريان ها، ”تون ور وهون ڪيترييون، مون ور توهين تون“.

ڪڏهن سوچيندي آهيان، قدرت ڪيڏي بي انصافي ڪئي آهي مونسان... ناريءَ سان. ڪڏهن ڪڏهن چوندي آهيان، ”نہ قدرت تہ مون سان وڏ ڪيو آهي جو پرش من وانگر ننڍن وڏن آڪارن جي چڪر ۾ پٽڪان تہ نٿي“.

هائو سهيلي آءٌ ڏاڪڻ تي ئي ويٺي آهيان. ناٽڪ مٿي ناٽڪ منڊر ۾ روز هلي ٿو، پورو نٿي ٿو، لوڪ اچن ٿا، وڃن ٿا. پر مان بس هيٺ هڪ پاٽيءَ جي ڊٻي ڏي ئي ويٺي نهاريان. ان ۾ آڪاس پيو نظر اچي. پاٽيءَ ۾ پير وجهي انهيءَ ڊٻي اندر پيل آڪاس کي ميرو بہ ڪين ڪنديس. ڇو؟ ڇو تہ ائين هڪ آڪيڙو ڦٽي پوندو...

خبر ناهي ڪهڙي پاپ جو ڦل پوڳيو اٿم جو ساجن وڃڙي ويو مونکان ۽ هاٽي هڪ آڪيڙو ڦٽائي، ڇا پنهنجا ٻيا ڪي جنم بگاڙڻا اٿم. نہ سهيلي نہ ڪنديس مان ساجن کي فون.

سهيلي تون پڇندينءَ فون ڪرڻ ۾ ڇاهي؟ ڇو تہ تون نٿي ڄاڻين تہ فون ڪرڻ سان هو سڄو سارو مون طرف ڇڪجي ايندو.

من منهنجا. تون چوندين اهو منهنجو ايمان آهي. نہ من، اهو

منهنجوتياڳ آهي.... نہ تہ ڇا مان اهو ڪين ٿي ڄاڻان تہ ساڄن هڪ ڀيرو وري هن طرف آيو تہ سندس سڪا پريم مونکي سڄو ئي گهيري ويڙهي ويندو. ٻہ سال جنهن پنهنجي استريءَ جي پريم ۾ گذارڻ ڪان پوءِ بہ مونکي ڀلايو ناهي, اهو هتي اچڻ ڪان پوءِ ڇا سٽرو واپس ويندو؟ جي ويندو بہ تہ بہ حق ٻڌي استريءَ ڪي ڪٽڪ بدران تهہ وڃي آڇيندو. منهنجو هي تياڳ پنهنجي ناري جاتيءَ طرف هڪ وفاداري آهي...

ساڄن, ڏس اڄ مان توکي ٺڪرائي رهي آهيان, محسوس ڪر تڏهن ٺوڪر ڪائڻ جو درد. واپس وٺ مونکان اهو ئي درد ٺڪرائجڻ جو بنا ڪاتيءَ گهاءُ.

## پورو ٿيو